جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC CARTL.

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاھ

جلد 17 | آچر پهرين نومبر 2026ع بمطابق 20 جمادي الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 21

# پهرين روڊ ناهيوسين نه جيئن حيسڪو تي ٿنڀا هٽائڻ لاءِ دٻاءُ وڌي، وفاقي ادارا ڳالهه نٿا ٻڌن، سوشل ميڊيا مدد ڪئي: وڏو وزير

سمورو عمل هڪ رٿابنديءَ جو حصو هو: وڏي وزير مراد علي شاهه حيدرآباد ۾ روڊ جي وچ ۾ موجود بجليءَ جي ٿنڀن بابت وضاحت

حيدرآباد ۾ روڊ جي اڏاوت لاءِ چيف سيڪريٽري ڪنٽونمينٽ بورڊ کان زمين حاصل ڪرڻ ممڪن بڻائي حيسڪو کي ٿنڀا هٽائڻ لاءِ رقم جمع ڪرائي وئي، پر اداري ٿنڀا نه هٽايا

حڪومت سوچيو ته پهرين روڊ تعمير ڪيو وڃي، جنهن ڪانپوءِ حيسڪو تي ٿنڀا هٽائڻ لاءِ دٻاءُ وڌندو. روڊ ناهي ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو ته ماڻهن سوال اٿارڻ شروع ڪيا ته روڊ جي وچ ۾ ٿنڀا ڇو موجود آهن

هاڻي ڪيس جاڻ ملي آهي ته 100 مان 25 ٿنڀا هٽايا ويا آهن ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا جا ٿورائتا آهيون، جن مدد ڪئي، ڇو ته وفاقي ادارا سندن ڳالهه نٿا ٻڌن: مراد علي شاهه

روڊ جو ڪم مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ حيدرآباد جي ماڻهن کي وڏي سهولت ٿيندي، اهو هڪ وڏو منصوبو هو، جنهن ۾ ميڊيا اهم ڪردار ادا ڪري ٿي

ائين ئي ٿيو ۽ ميڊيا تي خبراچڻ ڪانپوءِ هڪ ڏينهن اندر 25 پول هٽايا ويا. وڏي وزير موجب روڊ جو ڪم مڪمل ٿيڻ سان حيدرآباد جي ماڻهن کي وڏي سهولت ملندي، اهو سڀ هڪ گرينڊ پلان جو حصو هو

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير مراد علي شاهه حيدرآباد ۾ روڊ جي وچ ۾ موجود بجليءَ جي ٿنڀن بابت وضاحت ڏيندي چيو آهي ته اهو سمورو عمل هڪ رٿابنديءَ جو حصو هو. ڪراچي ۾ ڳالهائيندي مراد علي شاهه چيو ته حيدرآباد ۾ روڊ جي اڏاوت لاءِ چيف سيڪريٽري ڪنٽونمينٽ بورڊ کان زمين حاصل ڪرڻ ممڪن بڻائي. هن چيو ته حيسڪو کي ٿنڀا هٽائڻ لاءِ رقم جمع ڪرائي وئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

# نارخطي ۾ جنگ سبب پارڻ جا اگهه وڌيا، عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ فيول سبسڊي اسڪيم شروع ڪئي: وزيراعظم

خيبر پختونخوا ۾ اٽڪر حالتن کي نظر ۾ رکندي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، جيڪڏهن وقتائتو فيصلو نه ڪيو وڃي ها ته صوبي کي وڌيڪ نقصان پهچي سگهي پيو

خيبر پختونخوا ملڪ جو خوبصورت صوبو آهي، جتان جا ماڻهو غيرتمند، بهادر ۽ باوقار آهن، مسلم ليگ (ن) صوبي ۾ جمهوري روايتن جي واڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

2013ع وارين چونڊن ڪانپوءِ نواز شريف صوبي ۾ اڪثريت حاصل ڪندڙ جماعت کي حڪومت ناهڻ جو موقعو ڏنو، جنهن مان سندس جمهوري سوچ ۽ فراخدلي ظاهر ٿئي ٿي

خيبر پختونخوا ۾ گذريل 13 سالن کان اقتدار ۾ رهندڙ جماعت وڏيون دعوائون ڪندي رهي آهي، پر سوال اهو آهي ته ان عرصي دوران صوبي ۾ ڪيترين يونيورسٽين ۽ اسپتالون قائم ڪيون ويون؟

پشاور کان ڪوهستان، هزارا ۽ ڏاکڻين ضلعن تائين ڪيترائي مسئلا اڃا تائين نظرانداز ٿيل آهن. گذريل اڍائي سالن دوران ملڪ ۾ لانگ مارچ ۽ ڌرڻن جي سياست ڪئي وئي

2014ع واري ڌرڻي سبب چيني صدر جو پاڪستان جو دورو ملتوي ٿيو، 2015ع ۾ شي جن پنگ جي دوري دوران اهم معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته خيبر پختونخوا ۾ اٽڪر حالتن کي نظر ۾ رکندي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، جيڪڏهن وقتائتو فيصلو نه ڪيو وڃي ها ته صوبي کي وڌيڪ نقصان پهچي سگهي پيو. مسلم ليگ (ن) جي خيبر پختونخوا اسيمبلي ميمبرن جي پارلياماني پارٽيءَ کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته خيبر پختونخوا ملڪ جو خوبصورت صوبو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڪراچي: صوبائي وزير جام خان شورو اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

## وزيراعظم ڊسمبر جي پهرئين هفتي روس جو دورو ڪندو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ڊسمبر جي پهرئين هفتي روس جو سرڪاري دورو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

## آمريڪا پاران يوڪرين کي 2.1 بلين ڊالر ماليت جي پيٽريات ميزائلن جي وڪري جي منظوري

واشنگٽن (م ر) آمريڪي پرڏيهي کاتي يوڪرين کي 500 پيٽريات ايڊوانسڊ ڪيپيبل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

## ورلڊ بئنڪ، سنڌ ۾ ميونسپل آمدني ۽ خدمتن ۾ اضافي لاءِ 150 ملين ڊالر پروگرام جي منظوري

جنهن جو مقصد شهري پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي کي بهتر بڻائڻ، سنڌ خاص طور تي ڪراچي ۾ ميونسپل سروس جي فراهمي ۾ بهتري آهي

چونڊيل مقامي ڪائونسلن جي خدمتن جي فراهمي جي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ ۾ صوبائي حڪومت جي مدد ڪندي

اهڙا شهر جيڪي پنهنجي آمدني پاڻ وڌائي سگهن ٿا ۽ ڊگهي مدي لاءِ منصوبه بندي ۽ سيڙپڪاري ڪري سگهن ٿا

اسلام آباد (بيورو) ورلڊ بئنڪ گروپ جي بورڊ آف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز سنڌ لاءِ 150 ملين ڊالر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

## گڏيل قومن جي مهاجرين بابت اداري پاران سياري جي موسم لاءِ 5 ڪروڙ ڊالر امداد جمع ڪرائڻ جي اپيل

يوڪرين، شام، لبنان ۽ افغانستان ۾ اٽڪل 90 لک ماڻهن جي مدد لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 5 ڪروڙ ڊالر جمع ڪرائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو

فنڊز جي کوٽ ۽ توانائي جي قيمتن ۾ اضافي سبب انساني ضرورتن ۾ اضافو ٿيو آهي

گڏيل قومون (م ر) گڏيل قومن جي مهاجرين بابت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

## آئل اينڊ گيس ريگوليٽري اٿارٽي پاران ايل پي جي اگهه ۾ اضافي جو نوٽيفڪيشن جاري

11.8 ڪلو گرام جي ايل پي جي سلينڊر جو نئون اگهه 3 هزار 470 رپيا 9 پيسا مقرر ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) آئل اينڊ گيس ريگوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ايل پي جي، جي اگهه ۾ اضافي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي. چنچر تي جاري ڪيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

## قدرتي آفتن سبب انساني زندگين جو وڏي پيماني تي ضايع ٿيڻ فڪر جو لمحو آهي: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

صرف وارننگ جاري ڪرڻ ڪافي ناهي پران کي وقت سر لاڳاپيل ۽ متاثر ماڻهن تائين پهچائڻ سان گڏ خطرن کان بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم ۽ فالواپ به يقيني بڻائڻ ضروري آهي

ڪراچي ۾ هڪ هفتي دوران هيٽ ويو سبب 4600 فوتگيون ٿيون جيتوڻيڪ اسان کي معلوم آهي ته هيٽ ويو ڪٿان پيدا ٿي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

## پاڪ ترڪ معارف انٽرنيشنل اسڪولز اينڊ ڪاليجز جي انتظام هيٺ ترڪيه جي 103هين سالگره جي تقريب منعقد

## پاڪستان ۾ هيلي ڪاپٽر حادثي ۾ پائليٽ سميت 6 ڄڻا اجل جو شڪار

اتراکنڊ سول ايوي ايشن ڊولپمينٽ اٿارٽي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر پرتيڪ جين واقعي جي تصديق

اهو حادثو گذريل ڏينهن چمولي ضلعي جي ڳوٺ چائي ويجهو ان وقت پيش آيو

نئين دهلي (م ر) ڀارت جي اتر رياست اتراکنڊ ۾ هيلي ڪاپٽر ڪري تباهه ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ پائليٽ سميت ان ۾ سوار سمورا 6 ڄڻا ف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

## اسحاق ڊار جي دعوت تي سنگاپور جي پرڏيهي وزير 30 آڪٽوبر تي پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪيو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي دعوت تي سنگاپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

## فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان سنگاپور جي پرڏيهي وزارت جي ملاقات، عالمي صورتحال سميت ٻطرفن لاڳاپن تي ڳالهيون

گڏيل دلچسپي جي معاملن، علاقائي ۽ عالمي سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ملاقات ۾ علاقائي امن، استحڪام ۽ پاڪستان، سنگاپور جي وچ ۾ ٻطرفن تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ تي امڪانن تي به ڳالهيون ڪيون ويون

راولپنڊي (م ر) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

راولپنڊي: فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان سنگاپور جي پرڏيهي وزارت جي ملاقات ڪندي

## وڌيڪ فوج سعودي عرب اماڻڻ جو فيصلو حالتن ۽ سياسي قيادت جي فيصلي سان جڙيل آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

سعودي عرب وڌيڪ پاڪستاني فوج اماڻڻ جو فيصلو حالتن ۽ ٻنهي ملڪن جي سياسي قيادت جي فيصلي سان جڙيل آهي پاڪستان ايران ۽ آمريڪا جي وچ ٽياڪڙي جي حوالي سان محتاط طور تي پراميد آهي

جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي اڳيرائي نظر نه اچي ها ته فيلڊ مارشل ٻيهر (ايران) ڇو وڃي ها؟ امن جي ڪوشش کي ٽوڙيندڙ طاقتور عناصر هميشه موجود آهن

سعودي عرب وڌيڪ پاڪستاني فوج اماڻڻ جو فيصلو حالتن ۽ ٻنهي ملڪن جي سياست قيادت جي فيصلن سان جڙيل آهي ڪوليڪٽو ڊيفنس ۽ علاقائي امن جو گڏيل وزن رکندڙ ملڪ (مڪ دفاعي معاهدي) تحاد ۾ شامل ٿي سگهن

راولپنڊي (م ر) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته سعودي عرب وڌيڪ پاڪستاني فوج اماڻڻ جو فيصلو حالتن ۽ ٻنهي ملڪن جي سياسي قيادت جي فيصلي سان جڙيل آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر عالمي ميڊيا (رائٽرز) کي ڏنل خصوصي انٽرويو ۾ چيو ته پاڪستان ايران ۽ آمريڪا جي وچ ٽياڪڙي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

خانيوال: خاتون اول آصفه ڀٽو مرحوم پير عارف زمان قريشي جي وارثن سان تعزيت ڪندي

## مولانا فضل الرحمان هجي يا ڪو بااثر غيرقانوني اڏاوت خلاف ڪارروائي جاري رهندي: طلال چوڌري

مولانا فضل الرحمان طرفان غيرقانوني حدخلين جو دفاع ڪرڻ مناسب ناهي. اسلام آباد ۾ گذريل ڏيڍ سال کان حدخلين خلاف مهم جاري آهي

اها اڄ شروع نه ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ان ئي مهم تحت نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن مولانا فضل الرحمان اتي رهائش پذير آهي

غيرقانوني اڏاوت جو تحفظ ڪرڻ چاهي ٿو ته اهو مناسب عمل نه هوندو حدخلين ڪنهن جون به هجن، انهن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري غيرقانوني قبضن ۽ حدخلين خلاف آپريشن هر صورت جاري رکڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته ڪو بااثر هجي، ڪارروائي نه روڪي ويندي. هڪ بيان ۾ طلال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان ايڪسپو سينٽر جو دورو ڪندي

## پي ٽي آءِ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي سميت مسئلن جي حل لاءِ وفاق سان ڳالهين جي حمايت ڪري ڇڏي

اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور کي به وفاق سان ٿيندڙ ڳالهين واري عمل ۾ شامل ڪرڻ جي حمايت ڪئي آهي

پارلياماني پارٽي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ ڪارڪنن طرفان احتجاج لاءِ ٻاهر نه نڪرڻ واري فيصلي کي بهتر قرار ڏنو

جيڪڏهن ڪارڪن ٻاهر نڪرن ها ته 9 مئي جهڙن واقعن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي پيو. پي ٽي آءِ جي صوبائي پارلياماني پارٽي جو آن لائن اجلاس ٿيو

پشاور (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي صوبائي پارلياماني پارٽي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي سميت ٻين مسئلن جي حل لاءِ وفاقي حڪومت سان ڳالهين جي حمايت ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب، پارلياماني پارٽي جي اڪثريتي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

## سعودي عرب ۾ حوثي حملن جو خطرو، آمريڪا پنهنجي عملي کي ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

رياض ۾ آمريڪي سفارتخاني سعودي عرب ۾ پنهنجي سفارتي مشنز جي لاءِ سيڪيورٽي الرٽ جاري ڪيو

ايران جي حمايت يافته حوثي سعودي عرب جي خلاف ڪارروايون ڪري رهيا آهن جن ۾ شهري هوائي اڏا ۽ ٻين اهم ٺڪاڻن کي نشانو بڻائڻ جا حملا به شامل آهن

آمريڪي سفارتخاني جي سيڪيورٽي آگاهي موجب اهڙن حملن جي نتيجي ۾ شهرين جي فوت ٿيڻ ۽ زخمي ٿيڻ جا واقعا پيش آيا آهن

واشنگٽن (م ر) آمريڪي سفارتخاني سعودي عرب ۾ مقرر پنهنجي غير هنگامي سرڪاري عملي ۽ انهن جي گهر ڀاتين کي سيڪيورٽي خدشن سبب ملڪ ڇڏڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي. اهو فيصلو سعودي عرب تي حوثي حملن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

## آسٽريليا ۾ ٽن گاڏين ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت

هنگامي امدادي ادارن کي ڇنڇر جي صبح 10 لڳي 30 منٽن تي سامونڊي علائقي ٻائرن بي ويجهو حادثي جو اطلاع مليو

ٻن گاڏين جا ڊرائيورن جن ۾ 50 سالن جي عورت ۽ 60 سالن جو مرد شامل آهن موقعي تي ئي فوت ٿي ويا آهن

ڪينبرا (م ر) آسٽريليا جي اوڀر سامونڊي علائقي ۾ ڇنڇر جي صبح ٽن گاڏين ۾ ٽڪر سبب 2 ڄڻا فوت ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پئي. پرڏيهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

## ايل پي جي في ڪلو 14 روپيه 73 پئسا مهانگي، گهريلو سلنڊر جي قيمت 3 هزار 470 روپيه مقرر

نيون قيمتون پهرين نومبر کان لاڳو ڪيون وينديون. وفاقي حڪومت گذريل رات ڊيزل به مهانگو ڪري ڇڏيو

پيٽرول جي قيمت برقرار رکي وئي آهي. ڊيزل جي في ليٽر قيمت ۾ 2 روپيه 9 پئسن جو اضافو ڪيو ويو

11.8 ڪلوگرام جي گهريلو سلنڊر جي قيمت ۾ 173 روپيه 86 پئسا اضافو ڪيو ويو آهي، جنهن کان پوءِ سلينڊر جي نئين قيمت 3 هزار 470 روپيه 9 پئسا مقرر ٿي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو) سموري ملڪ ۾ ايل پي جي في ڪلو قيمت 14 روپيه 73 پئسا وڌائي وئي. آئل اينڊ گيس ريگوليٽري اٿارٽي (اوگرا) قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. نيون قيمتون پهرين نومبر کان لاڳو ڪيون وينديون. وفاقي حڪومت گذريل رات ڊيزل به مهانگو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته پيٽرول جي قيمت برقرار رکي وئي آهي. ڊيزل جي في ليٽر قيمت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

## 28هين ترميم بهتري لاءِ ٿئي ته پيپلزپارٽي انهي جي حمايت ڪندي: سعيد غني

پاڪستان فرسٽ فرنيچر ٽريڊ شو جي ٻئي ڏينهن بطور مهمان خصوصي شرڪت جي موقعي تي صحافين سان ڳالهيون

گذريل سال فرسٽ ايڪسپو آزادي جي نالي سان سجايو ويو، ٻئي ايڊيشن جو نالو علامه اقبال سان جڙيل آهي. سمورن ادارن کي گهرجي ته واپارين سان تعاون ڪن

سموري دنيا جي مقابلي ۾ اسان جي ملڪ ۾ فرنيچر جون قيمتون گهٽ آهن، اسان جو ٺاهيل فرنيچر سموري دنيا ۾ ويندو آهي

گذريل سال هتي 150 اسٽال لڳايا ويا هئا، هن سال ايڪسپو ۾ 200 اسٽال لڳايا ويا آهن، خوشي جي ڳالهه اها آهي ته مقامي فرنيچر جا اسٽال وڌيڪ آهن

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته 28هين ترميم جيڪڏهن بهتري جي لاءِ ٿئي ته پيپلز پارٽي ضرور انهي جي حمايت ڪندي. پاڪستان فرسٽ فرنيچر ٽريڊ شو جي ٻئي ڏينهن بطور مهما/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

## ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 27 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 65 هزار ڪيوسڪ

ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 9 هزار ڪيوسڪ آهي

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. جاري تفصيلن مطابق سنڌو د/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

## شاهراهه ڀٽو کي ماڊل ايڪسپريس وي ٺاهڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو وڏو فيصلو

سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار جي صدارت هيٺ شاهراهه ڀٽو ايڪسپريس وي منصوبي بابت اهم اجلاس ٿيو

شاهراهه ڀٽو ايڪسپريس وي منصوبو نهايت اهم ۽ انهي جي سيڪيورٽي انتهائي ضروري آهي: گهرو وزير

شاهراهه ڀٽو ايڪسپريس وي هڪ نئون پروجيڪٽ آهي سنڌ حڪومت جو انهي تي خصوصي ڌيان آهي

سنڌ جي گهرو وزير شاهراهه ڀٽو جي لاءِ 2 موبائل مڪينڪ ورڪنز جلد کان جلد تيار ڪرڻ جي لاءِ لاڳاپيل ادارن کي هدايتون جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت شاهراهه ڀٽو کي ماڊل ايڪسپريس وي ٺاهڻ جي لاءِ وڏو فيصلو ڪري ورتا آهن. سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار جي صدارت هيٺ شاهراهه ڀٽو ايڪسپريس وي منصوبي بابت اهم اجلاس ٿيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

## پاڪستان ۾ حلال فورم منعقد ٿيڻ سٺو سنئوڻ آهي: وفاقي وزير

حلال انڊسٽري عالمي معيشت جو هڪ اهم شعبو بڻجي چڪو آهي. خالد حسن مگسي

پاڪستان ۾ حلال مصنوعات جي روانگي واپار ۾ اضافي جا وسيع موقعا موجود آهن

اسلام آباد/ڪراچي (بيورو) سائنس ۽ ٽيڪنالاجي بابت وفاقي وزير خالد حسين مگسي پهرين پاڪستان حلال فورم کي خطاب ڪن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني ميڊيا سان ڳالهائيندي

## سون خريدارن لاءِ اهم خبر، پاڪستان ۾ هزارين رپيا سستو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ اڄ وڏي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي، جنهن ڪانپو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

## مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي حدخلين جي نشاندهي، سي ڊي اي اڏاوتون ڊاهڻ جو چتاءُ

اسلام آباد (بيورو) ڪيپيٽل ڊيولپمينٽ اٿارٽي (سي ڊي اي) مولانا فضل الرحمان جي وفاقي راڄڌاني شهر اسلام آباد ۾ واري رهائشگا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

## ٻنجاب ۾ وليمي واري ڏينهن ڪنوار کي قتل ڪندڙ مک جوابدار مبينا پوليس مقابلي دوران ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو

گوجرانوالا (م ر) وليمي جي تقريب کان واپسيءَ تي ڪنوار کي قتل ڪندڙ مُک جوابد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

## وليمي جي ڏينهن ڪنوار کي قتل ڪندڙ جوابدار مبينه پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

سي سي ڊي پوليس جوابدارن کي گرفتار گرفتار ڪري واپس اچي رهي هئي ته رستي ۾ حملو ڪيو ويو

جوابدار مسلسل پنهنجي لوڪيشن تبديل ڪري رهيا هئا، جن کي گذريل رات گرفتار ڪري آندو پئي ويو

لاهور (م ر) پنجاب جي ضلعي گوجرانواله ۾ وليمي جي ڏينهن ڪنوار کي قتل ڪندڙ مُک جوابدار سرفراز مبينه پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو. ذ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

## اٽلي ۾ هزارين شاگرد ۽ مزدور روڊن تي نڪري آيا، مهانگائي ۾ گهٽتائي ۽ تعليمي بجيٽ وڌائڻ جو مطالبو

روم (م ر) اٽلي جي مختلف شهرن ۾ هزارين شاگرد، مزدورن ۽ ٻين شعبن سان جڙيل ماڻهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

## ڪور ڪمانڊر جي سامهون حدخلين جي نشاندهي تي ڪارروايون ڪيون وينديون آهن، مولانا جي پٽ جو رد عمل

اسلام آباد (بيورو) جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جي پٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال خان سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪندي

## سموري ملڪ ۾ اٽي جي وڌندڙ قيمتن تي ضابطو نه اچي سگهيو

ڪراچي جا شهري سيني کان وڌيڪ مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور

مختلف شهرن ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهن جي قيمتن جا تفصيل جاري ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سموري ملڪ ۾ اٽي جي وڌندڙ قيمتن تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي، جڏهن ته ڪراچي جا شهري لاڳيتو ملڪ ۾ سيني کان وڌيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

## پسند جي شاديءَ کان انڪار تي ناري ٽاور تي چڙهي وئي، وڊيو ڪال تي آن لائين نڪاح ڪانپوءِ هيٺ لٿي

نئين دهلي (م ر) ڀارت جي رياست اتر پرديش ۾ هڪ انوکو واقعو پيش آيو جتي 19 وره/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

## پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ شهرن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد شهري آبادي جي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ پائيدار شهري ترقي جي باري ۾ شعور اجاگر ڪرڻ آهي

شهري زمين جو غير موثر استعمال، موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيندڙ خطرن ۽ سماجي اڻبرابري ۾ اضافو شامل آهن

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ شهرن جو عالمي ڏهاڙو 31 آڪٽوبر تي ملهايو ويو. ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد شهري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

## پاڪ ترڪ معارف انٽرنيشنل اسڪولز اينڊ ڪاليجز جي انتظام هيٺ ترڪيه جي 103هين سالگره جي تقريب منعقد

جنهن ۾ ترڪيه جي قومي تاريخ، ثقافتي ورثي ۽ پاڪستان سان پراڻي دوستي کي اجاگر ڪيو ويو

حڪومتي عهديدارن، ادارن جي قيادت، شاگردن، استادن ۽ عملي جي ميمبرن سميت شاگردن جي والدين شرڪت ڪئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪ ترڪ معارف انٽرنيشنل اسڪولز اينڊ ڪاليجز جي انتظام هيٺ ترڪيه جي قيام جي 103هين سالگره جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

## ملڪيت نه زيد جکراڻي جو موت تڪرار جو بنيادي سبب آهي: سهيل انور سيال

ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ جو اصل سبب ملڪيت نه، پر زيد خان جکراڻي جو موت آهي

صدر آصف علي زرداري، فريال ٽالپر ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش سان ڌرين وچ ۾ ناهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

ڌرين وچ ۾ ڳالهيون جاري آهن ۽ ڪوشش آهي ته جکراڻي پاڻ جون غلط فهميون ختم ڪري ڪين ناهه تي راضي ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) جکراڻي پائرن وچ ۾ هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سهيل انور سيال جون ناهه لاءِ ڪوششون جاري آهن. ان سلسلي ۾ ڪراچي جي سيال هائوس تي شبير علي بجاراڻي جي سرپنچيءَ ۾ جکراڻي پائرن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ڪراچي: آرٽس ڪونسل ۾ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول جي موقعي تي غير ملڪي عورتون پينٽنگ ڪندي

## سموري ملڪ ۾ ايڊز سبب متاثر ٻارن جي انگ ۾ ڳڻتي جوڳو اضافو، 3900 مريضن سان سنڌ پهرين نمبر تي

قومي صحت واري وزارت ايڊز سبب متاثر ٻارن جا انگ اکر قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪري ڇڏيا

پنجاب ۾ 1 هزار 765، خيبرپختونخواهه ۾ 139، بلوچستان ۾ 46، اسلام آباد ۾ 30، آزاد ڪشمير 4 ۽ گلگت بلتستان ۾ ايڊز جو هڪ مريض ٻار آهي

ايڇ آئي وي جي وڌيڪ منتقلي کي روڪڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن طرفان قدم کنيا ويا آهن: مصطفي ڪمال

اسلام آباد (بيورو) سموري ملڪ ۾ ٻارن ۾ ايڊز ڪيسز جي تعداد ۾ ڳڻتي جوڳي حد تائين اضافو جو انڪشاف ٿيو آهي. قومي صحت واري وزارت ايڊز سبب متاثر ٻارن جا انگ اکر قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪري ڇڏيا رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر پهرين نومبر 2026ع بمطابق 20 جمادي الاول 1448ھ

# بيمار سماج ۽ حڪمرانن جون بي حسيون

ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ جو اندازو رڳو وڏين عمارتن، موٽر وين پلن، رستن ۽ ترقياتي منصوبن مان نه لڳايو ويندو آهي، پر اصل ترقيءَ جو معيار اهو هوندو آهي ته ان ملڪ جو عام شهري ڪيترو خوشحال، مطمئن، محفوظ ۽ ذهني طور صحتمند زندگي گذاري رهيو آهي. جنهن سماج ۾ ماڻهن کي روزگار، تعليم، علاج، انصاف ۽ زندگيءَ جون بنيادي سهولتون ميسر هجن، اتي ترقيءَ جا رستا پاڻمرادو کلي پوندا آهن، پر جنهن ملڪ ۾ عوام بک، بدحالي، بيروزگاري، مهانگائي، ڪرپشن، ناانصافي ۽ غيريقيني صورتحال ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور هجي، اتي ماڻهن جي ذهني صحت جو متاثر ٿيڻ ڪا حيرت جهڙي ڳالهه ناهي. پاڪستان ۾ ذهني مريضن جي وڌندڙ انگ بابت صحت واري وزارت جا تازا انگ اکر رڳو صحت جي شعبي لاءِ ڳڻتيءَ جوڳا نه آهن، پر اهي حڪمرانن جي معاشي، سماجي ۽ انتظامي پاليسين تي به هڪ وڏو سوال آهن. صحت واري وزارت پاران قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيل انگن اکرن موجب ملڪ ۾ ذهني بيمارين ۾ مبتلا ماڻهن جو انگ 3 ڪروڙ 20 لک کان وڌي ويو آهي. جڏهن ته ملڪ ۾ رجسٽرڊ نفسياتي ماهرن جو انگ رڳو 1050 ٻڌايو ويو آهي. انهن انگن اکرن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ذهني صحت جو مسئلو ڪيترو سنگين ٿي چڪو آهي ۽ ان جي علاج لاءِ موجود سهولتون ڪيتريون محدود آهن. جڏهن لکين ماڻهو ذهني دٻاءُ، مايوسي، پريشاني، بي خوابي، خوف ۽ ٻين نفسياتي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا هجن ۽ کين علاج لاءِ مناسب ماهر ۽ ادارا به ميسر نه هجن ته اهڙي صورتحال کي ڪنهن به صورت ۾ معمولي مسئلو قرار نٿو ڏئي سگهجي. حقيقت اها آهي ته ذهني صحت رڳو ڪنهن هڪ فرد جي ذاتي زندگيءَ جو مسئلو ناهي، پر ان جو تعلق سڄي سماج جي معاشي، سياسي ۽ سماجي حالتن سان آهي. جڏهن هڪ نوجوان سالن تائين تعليم حاصل ڪرڻ باوجود روزگار کان محروم رهي ٿو، جڏهن هڪ پيءُ پنهنجي ٻارن جي پيٽ گذر لاءِ پريشان رهي ٿو، جڏهن هڪ ماءُ مهانگائيءَ سبب گهر جو خرچ پورو ڪرڻ کان لاچار ٿي وڃي ٿي، جڏهن هڪ پورهيت سڄو ڏينهن پورهيو ڪرڻ باوجود پنهنجي خاندان لاءِ ٻن وقتن جي ماني جو بندوبست نٿو ڪري سگهي، جڏهن مريض اسپتالن ۾ علاج بدران دوائن جي اگهن ۽ ڊاڪٽرن جي فيسن سبب وڌيڪ پريشان ٿئي ٿو، تڏهن اهڙيون حالتون ماڻهن جي ذهني سڪون کي تباهه ڪري ڇڏين ٿيون. ملڪ ۾ حڪمرانن جون غير سنجيده پاليسيون، ڪرپشن، سياسي چڪتاڻ، معاشي بدانتظامي، بيروزگاري ۽ مهانگائي عام ماڻهن جي زندگيءَ کي ايترو ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي، جو ماڻهو پنهنجي مستقبل بابت مسلسل خوف ۽ بي يقينيءَ جو شڪار آهن. روزمره جي استعمال وارين شين جا وڌندڙ اگهه، بجلي ۽ گئس جا ڳرا بل، پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ، تعليم ۽ علاج جا وڌندڙ خرچ ۽ روزگار جا محدود موقعا عوام لاءِ ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهن. حڪمران هر دور ۾ عوام کي خوشحالي، ترقي ۽ بهتر مستقبل جا خواب ڏيکاريندا رهيا آهن، پر عملي طور عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ آساني پيدا ڪرڻ بدران مسئلا وڌندا رهيا آهن. افسوس جو ملڪ ۾ اقتدار جي سياست، هڪ ٻئي تي الزام تراشي، سياسي مفادن ۽ ڪرسيءَ جي جنگ کي عوام جي بنيادي مسئلن کان وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي. ڪرپشن ۽ بدعنوانيءَ سبب قومي وسيلن جو وڏو حصو عوام جي ڀلائيءَ بدران ذاتي ۽ سياسي مفادن جي ور چڙهي وڃي ٿو. جڏهن ته عام شهري کي پنهنجي جائز حقن لاءِ به آفيسن، عدالتن ۽ ادارن جا چڪر ڪاٽڻا پون ٿا. جنهن ملڪ ۾ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ سالن تائين ڪيس هلن، غريب ماڻهو اثر رسوخ رکندڙ ڌرين آڏو بي وس هجي، سرڪاري ادارن ۾ سفارش ۽ رشوت ڪانسواءِ ڪم ٿيڻ ڏکيو هجي ۽ قانون جي عملداريءَ جو معيار امير ۽ غريب لاءِ الڳ هجي، اتي عوام جو نظام تان اعتماد ختم ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. اسان وٽ ماضيءَ ۾ سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جا چيف جسٽس عوام سان ٿيندڙ ناانصافين، بنيادي سهولتن جي کوٽ، سرڪاري ادارن جي بدانتظامي ۽ غريبن سان ٿيندڙ ظلم تي پاڻمرادو نوٽيس وٺندا هئا، جنهن سان ڪيترن ئي معاملن ۾ عوام کي ڪجهه نه ڪجهه رليف ملندو هو ۽ انتظاميا کي پنهنجي ذميوارين جو احساس ٿيندو هو پر هاڻي اهڙي مداخلت ۽ عوامي مسئلن تي فوري ڌيان ڏيڻ وارو عمل به ڇڻ ماضيءَ جو باب بڻجي ويو آهي. آئيني ترميمن ڪانپوءِ عدالتي نظام جي جوڙجڪ ۽ اختيارن بابت پيدا ٿيل بحث پنهنجي جاءِ تي، پر سوال اهو آهي ته عام ماڻهوءَ کي سستو ۽ ترت انصاف ڪيئن ملندو؟ جيڪڏهن ڪنهن غريب سان ظلم ٿئي، ڪنهن سرڪاري اسپتال ۾ علاج جون سهولتون نه ملن، ڪنهن شهر ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر نه هجي، ڪنهن علائقي ۾ ٻارڙا تعليم کان محروم هجن يا سرڪاري ادارن ۾ ڪرپشن سبب عوام جا حق لتاڙيا وڃن ته انهن مسئلن جي فوري حل لاءِ ڪهڙو اثرائتو نظام موجود آهي؟ عدالتي نظام جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي ته طاقتور ۽ ڪمزور لاءِ قانون برابر هجي ۽ ڪنهن به شهري سان ناانصافي نه ٿئي. جيڪڏهن انصاف جي فراهميءَ ۾ دير ٿيندي ته عوام جي مايوسي ۽ بي اعتماديءَ ۾ اضافو ٿيندو ذهني صحت بابت صحت واري وزارت جا انگ اکر ان ڳالهه جو به ثبوت آهن ته ملڪ ۾ صحت جي پاليسين کي رڳو جسماني بيمارين تائين محدود رکيو ويو آهي. جڏهن ته نفسياتي صحت کي اڃا تائين گهربل اهميت نه ملي سگهي آهي. ملڪ ۾ 1050 نفسياتي ماهرن جو انگ 25 ڪروڙ کان وڌيڪ آباديءَ جي ضرورتن جي پيٽ ۾ انتهائي گهٽ آهي. صحت واري وزارت جي ڄاڻ موجب پنجاب ۾ 406، سنڌ ۾ 228، خيبرپختونخواهه ۾ 122 ۽ بلوچستان ۾ رڳو 44 نفسياتي ماهر موجود آهن. جڏهن ته ملڪ جي ڪيترن ئي ڏورانهن علائقن ۾ ذهني صحت جي علاج جون مناسب سهولتون ئي موجود ناهن. سنڌ جي صورتحال به ڪا بهتر ناهي، جتي غربت، بيروزگاري، ٻوڏن، زرعي بدحالي، منشيات، گهريلو مسئلن ۽ معاشي پريشانين سبب ماڻهو مختلف ذهني ۽ نفسياتي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ نفسياتي علاج بابت شعور جي کوٽ، ماهرن جي غير موجودگي ۽ سماجي دٻاءُ سبب ڪيترائي ماڻهو علاج ڪرائڻ بدران پنهنجي تڪليف لڪائڻ تي مجبور ٿين ٿا. ذهني بيماريءَ کي اڄ به ڪيترن ئي هنڌن تي شرمندگيءَ جو سبب سمجهيو وڃي ٿو، جڏهن ته حقيقت ۾ اها به ٻين بيمارين وانگر هڪ اهڙي حالت آهي، جنهن لاءِ بروقت تشخيص، مناسب علاج، خانداني سهڪار ۽ سماجي سمجهه جي ضرورت هوندي آهي. ان ڪري حڪومت کي گهرجي ته ملڪ جي هر ضلعي جي اسپتال ۾ نفسياتي علاج جا شعبا قائم ڪري، نفسياتي ماهرن جون خالي جايون پري، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ذهني صحت بابت آگاهي پيدا ڪري ۽ غريب ماڻهن لاءِ مفت يا گهٽ خرچ تي علاج جون سهولتون فراهم ڪري. ان سان گڏوگڏ بيروزگاري ختم ڪرڻ، مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ، ڪرپشن خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪرڻ، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ، تعليم ۽ صحت جي شعبن کي بهتر بڻائڻ ۽ عوام کي انصاف جي بروقت فراهمي يقيني بڻائڻ به حڪومتي ذميواري آهي. رڳو نفسياتي ماهرن جو انگ وڌائڻ سان مسئلو مڪمل حل نه ٿيندو جيستائين انهن حالتن کي تبديل نه ڪيو ويندو جيڪي ماڻهن کي مسلسل ذهني دٻاءُ ۽ مايوسيءَ ڏانهن ڌڪي رهيون آهن. دنيا جا اهي ملڪ جيڪي ڪرپشن کان پاڪ نظام، مضبوط عدالتي ڍانچي، بهتر تعليمي ۽ طبي سهولتن، روزگار جي مناسب موقعن ۽ عوام جي بنيادي حقن کي اهميت ڏين ٿا، اتي شهري نسبتاً مطمئن ۽ محفوظ زندگي گذارين ٿا. انهن ملڪن ۾ حڪومتون عوام کي رڳو ووٽ وٺڻ وقت ياد ناهن ڪنديون، پر سندن پاليسين جو مرڪز عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ هوندو آهي. اسان وٽ به حڪمرانن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته عوام جي ذهني صحت ۽ خوشحاليءَ جو تعلق سڌيءَ طرح حڪومتي ڪارڪردگيءَ سان آهي. جيستائين حڪومت عوام کي روزگار، سستو علاج، معياري تعليم، انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿي ته پوءِ ترقيءَ جا وڏا وڏا اعلان به بي معنيٰ بڻجي وڃن ٿا. 3 ڪروڙ 20 لک کان وڌيڪ ماڻهن جي ذهني بيمارين ۾ مبتلا هجڻ جا انگ اکر حڪمرانن لاءِ خطري جي گهنٽي آهن. جنهن کي نظرانداز ڪرڻ ملڪ جي مستقبل سان سنگين ناانصافي هوندي. وقت اچي ويو آهي ته حڪمران اقتدار، سياسي مفادن ۽ ذاتي فائدن کان مٿانهون ٿي عوام جي مسئلن ڏانهن سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏين، چو ته ڪنهن به ملڪ جو اصل سرمايو ان جا خوشحال، صحتمند، تعليم يافته ۽ ذهني سڪون سان زندگي گذاريندڙ شهري هوندا آهن. جيڪڏهن عوام ئي بدحال، مايوس ۽ ذهني دٻاءُ جو شڪار هوندو ته پوءِ ملڪ جي ترقيءَ جا خواب ڪيئن حقيقت بڻجي سگهندا؟

# اقتدار جي جنگ، عوام جا اجڙيل خواب

## غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياست اج اهڙي دور مان گذري رهي آهي، جتي اقتدار جي چڪتاڻ، سياسي اختلافن ۽ پارٽين وچ ۾ محاذ آرائي قومي معاملن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. هر طرف سياسي بيان، الزام ۽ جوابي الزام ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. پر هن سياسي شور ۾ هڪ آواز اهڙو به آهي، جيڪو اڪثر اقتدار جي ايوانن تائين نٿو پهچي، ۽ اهو آواز عام ماڻهوءَ جو آهي. اهو عام ماڻهو، جيڪو صبح جو روزگار جي ڳولا ۾ گهران نڪري ٿو، شام جو ٿڪل ٽٽل واپس اچي ٿو ۽ وري ٻئي ڏينهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي فڪر ۾ رات گذاري ٿو. سوال اهو آهي ته آخر عوام ڪيتري وقت تائين سياسي چڪتاڻ جي قيمت ڀريندو رهندو؟

پاڪستان جي عوام هميشه جمهوري نظام مان اميدون وابسته رکيون آهن. هر دور ۾ کين بهتر مستقبل، خوشحالي، روزگار، سستي بجلي، معياري تعليم ۽ صحت جون سهولتون ڏيڻ جا واعدا ڪيا ويا. چونڊ مهمن دوران عوام کي يقين ڏياريو ويو ته اقتدار ملڻ شرط سندن زندگي بدلجي ويندي، پر اقتدار جي تبديلي باوجود عام شهري جون مشڪلاتون ختم نه ٿيون آهن. حڪومتون تبديل ٿين ٿيون، سياسي چهرا بدلجن ٿا، پر غريب جي گهر جو بجيٽ اج به مشڪلاتن جو شڪار آهي.

هڪ مزدور لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي ته سندس روزاني ڪمائي گهر جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ ڪافي نٿي ٿئي. هڪ پگهاردار ماڻهو پنهنجي محدود آمدنيءَ مان بجليءَ جا بل، ٻارن جي پڙهائيءَ جا خرچ، گهر جو ڪرايو ۽ راشن خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هڪ نوجوان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ روزگار جي ڳولا ۾ دربدر آهي. ٻئي طرف هاري پنهنجي فصل جي تياريءَ تي وڏا خرچ برداشت ڪري ٿو، پر کيس پنهنجي محنت جو مناسب اجورو ملڻ جي به ڳڻتي رهي ٿي. اهي اهڙا مسئلا آهن، جن جو سڌو تعلق عوام جي زندگيءَ سان آهي، پر سياسي بحثن ۾ اڪثر انهن لاءِ جاءِ گهٽ نظر اچي ٿي.

سياست ڪنهن به ملڪ جي جمهوري نظام جو اهم حصو هوندي آهي. سياسي پارٽين وچ ۾ اختلاف، حڪومت تي تنقيد ۽ پاليسين تي بحث جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ جا ذريعا آهن، پر جڏهن اختلاف ذاتي دشمني ۽ اقتدار جي ڊگهي چڪتاڻ ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا ته قومي ترقي متاثر ٿيڻ لڳي ٿي. پارليامينٽ جو مقصد عوامي مسئلن تي قانون ناهڻ ۽ قومي معاملن تي بحث ڪرڻ آهي، نه ڪي سياسي مخالفت کي مستقل ويڙهه ۾ تبديل ڪرڻ.

حڪومت جي ذميواري آهي ته عوام کي سهولتون فراهم ڪري، معيشت کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي ۽ بنيادي ضرورتن جي فراهمي يقيني بڻائي. ساڳئي وقت مخالف ڌر جو آئيني ڪردار اهو آهي ته اها حڪومتي پاليسين جو جائزو وٺي، خامين جي نشاندهي ڪري ۽ بهتر تجويزون پيش ڪري. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين جو مقصد رڳو هڪ ٻئي کي شڪست ڏيڻ هوندو ته ان سياسي مقابلي ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان عام شهري کي برداشت ڪرڻو پوندو.

ملڪ ۾ مهانگائي ۽ معاشي مشڪلاتن وچولي ۽ گهٽ آمدنيءَ واري طبقي جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. بجلي ۽ گئس جا بل، ٻارن جي تعليم، علاج معالجي جا خرچ ۽ روزمره استعمال جي شين جون وڌندڙ قيمتون عام خاندان لاءِ مسلسل پريشانيءَ جو سبب بڻيل آهن. غريب ماڻهوءَ وٽ نه پنهنجي آمدني وڌائڻ جا گهڻا وسيلا آهن ۽ نه ئي مهانگائيءَ جي اثرن کان بچڻ جا ذريعا. اهڙين حالتن ۾ عوام کي سياسي واعدن کان وڌيڪ عملي قدمن جي ضرورت آهي.

پاڪستان جي نوجوانن جو مستقبل به هڪ اهم سوال بڻجي ويو آهي. لکين نوجوان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ روزگار جا منتظر آهن. انهن مان ڪيترائي نوجوان پنهنجي قابليت مطابق موقعا نه ملڻ سبب مايوسيءَ جو شڪار ٿين ٿا. ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ته نوجوانن کي فني تعليم، نوان هنر سکڻ، ڪاروبار شروع ڪرڻ ۽ روزگار جا مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن. جيڪڏهن نوجوانن جي صلاحيتن کي درست رخ نه ڏنو ويو ته ملڪ جو قيمتي انساني سرمايو ضايع ٿيڻ جو خطرو برقرار رهندو.

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جا مسئلا به قومي ڌيان جا مستحق آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي، صحت، تعليم، گندي پاڻيءَ جي نيڪال ۽ بهتر رستن جون سهولتون اج به وڏو مسئلو بڻيل آهن. ڳوٺن جا ماڻهو معمولي علاج لاءِ به وڏن شهرن ڏانهن وڃڻ تي مجبور آهن. هاري زرعي خرچن ۽ پاڻيءَ جي کوٽ سبب پريشان آهن، جڏهن ته نوجوان روزگار جي ڳولا ۾ پنهنجا علائقا ڇڏڻ تي مجبور ٿين ٿا. ترقيءَ جون دعوائون تڏهن حقيقت بڻبيون، جڏهن ٻهراڙين جي ماڻهن کي به بنيادي سهولتون ملنديون.

پاڪستان کي معاشي استحڪام لاءِ مستقل پاليسين جي ضرورت آهي. حڪومتون تبديل ٿيڻ باوجود قومي معاشي منصوبا جاري رهڻ گهرجن. صنعتن کي هٿي ڏيڻ، سيڙپڪاريءَ لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ، محصولن جو نظام منصفاڻو بڻائڻ ۽ زراعت جي شعبي کي جديد گهرجن مطابق ترقي وٺرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. معاشي ترقي رڳو انگن اکرن ۾ بهتريءَ جو نالو ناهي، پر ان جو اصل مقصد عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ آساني پيدا ڪرڻ آهي.

اهو به ضروري آهي ته ملڪ جا سمورا قومي ادارا آئين ۽ قانون موجب پنهنجون ذميواريون ادا ڪن. سياسي استحڪام، قانون جي بالادستي ۽ ادارن وچ ۾ آئيني حدن جو احترام قومي ترقيءَ لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو. ڪنهن به ملڪ ۾ مضبوط جمهوري نظام تڏهن قائم ٿيندو آهي، جڏهن اختلافن باوجود آئيني طريقيڪار ۽ قانون جو احترام ڪيو وڃي.

سياسي پارٽين کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته عوام کين رڳو جلسا ڪرڻ، هڪ ٻئي تي تنقيد ڪرڻ ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ووٽ ناهن ڏيندا. عوام چاهي ٿو ته سندن چونڊيل نمائندا سندن مسئلا پارليامينٽ ۾ اٿارين، علائقن ۾ ترقياتي ڪم ڪرائين ۽ بنيادي حقن جي فراهميءَ لاءِ عملي جدوجهد ڪن. عوامي نمائندگي هڪ وڏي ذميواري آهي، جنهن جو حساب عوام چونڊن دوران ضرور وٺندو آهي.

پاڪستان جي موجوده حالتن ۾ قومي ڳالهه ٻولهه جي ضرورت اڳ کان وڌيڪ محسوس ٿي رهي آهي. سياسي قيادت کي هڪ ٻئي سان ويهي اهڙن معاملن تي گڏيل راءِ پيدا ڪرڻ گهرجي، جن جو سڌو تعلق عوام جي مستقبل سان آهي. معيشت، تعليم، صحت، زراعت، روزگار ۽ امن امان جهڙن معاملن کي سياسي اختلافن جي ور نه چاڙهڻ گهرجي. جمهوريت جي اصل خوبصورتي اها آهي ته اختلافن باوجود ڳالهين جا دروازا بند نه ڪيا وڃن.

آخر ۾ سوال وري به اهوئي آهي ته اقتدار جي جنگ ۾ عوام جا اجڙيل خواب ڪير آباد ڪندو؟ سياستدانن کي اها حقيقت تسليم ڪرڻي پوندي ته اقتدار هميشه ڪنهن هڪ وٽ ناهي رهندو. حڪومتون اينديون ۽ وينديون رهنديون آهن، پر عوام جا مسئلا هر دور ۾ موجود رهندا آهن. تاريخ ۾ ڪامياب قيادت اها ئي هوندي آهي، جيڪا پنهنجي دور ۾ عوام لاءِ آسانيون پيدا ڪري، نوجوانن کي اميد ڏياري ۽ ملڪ کي ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وٺي وڃي.

پاڪستان جي عوام کي هاڻي وڌيڪ سياسي نعرن جي نه، پر عملي ڪارڪردگيءَ جي ضرورت آهي. کين اهڙي سياست گهرجي، جنهن ۾ اقتدار کان وڌيڪ خدمت، مخالفت کان وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ۽ ذاتي مفادن کان وڌيڪ قومي مفادن کي اهميت ڏني وڃي. چو ته جڏهن عوام مهانگائي، بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب پريشان هجي ته اقتدار جي هر جنگ سندن لاءِ هڪ نئون سوال بڻجي وڃي ٿي. وقت جي گهرج آهي ته سياسي قيادت پنهنجن اختلافن کان اڳتي وڌي عوام جو آواز ٻڌي، چو ته پاڪستان جي اصل طاقت ان جو عوام آهي ۽ عوام جي خوشحالي ئي ملڪ جي حقيقي ڪاميابي آهي.

# معصوم ٻارن جي تربيت: والدين جي ذميواري ۽ سماج جو مستقبل

## فرزانه چانڊيو

ٻار ڪنهن به قوم جو قيمتي سرمايو ۽ مستقبل جي اميد هوندا آهن. اڄ جا معصوم ٻار سڀاڻي جا استاد، ڊاڪٽر، انجنيئر، آفيسر، اديب ۽ ملڪ جا ذميوار شهري بڻجندا آهن. جيڪڏهن اسان کي هڪ مهذب، باشعور، بااخلاق ۽ ترقي يافته سماج جي تعمير ڪرڻي آهي ته سڀ کان پهرين اسان کي پنهنجي ٻارن جي تربيت تي ڌيان ڏيڻو پوندو. چو ته ٻارن جي بهتر تربيت ئي هڪ روشن مستقبل جو بنياد آهي. ٻار جي تربيت رڳو کيس اسڪول موڪلڻ، سٺا ڪپڙا پارائڻ، کاڌو کارائڻ ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ جو نالو ناهي، پر تربيت هڪ اهڙو مسلسل عمل آهي، جنهن ۾ ٻار جي شخصيت، سوچ، اخلاق، روين ۽ صلاحيتن کي سنواريو ويندو آهي. ٻار کي سچ ڳالهائڻ، ٻين جي عزت ڪرڻ، وڏن جو احترام ڪرڻ، ننڍن سان شفقت ڪرڻ، پنهنجي ذميوارين کي سمجهڻ ۽ حقن سان گڏ فرضن جي ادائيگيءَ جي سکيا ڏيڻ تربيت جو اهم حصو آهي. ٻار جي زندگيءَ ۾ سڀ کان پهرين تربيت جو مرڪز سندس گهر هوندو آهي. ماءُ پيءُ ٻار جا پهريان استاد آهن. ٻار ڪتابن کان اڳ پنهنجي والدين جي عادتن، ڳالهائڻ جي انداز ۽ روزمره جي عملن مان سکندو آهي. جيڪڏهن گهر ۾ محبت، احترام، سچائي ۽ صبر جو ماحول هوندو ته ٻار به انهن خوبين کي پنهنجي شخصيت جو حصو بڻائيندو. ان جي ابتڙ، جيڪڏهن گهر ۾ هر وقت جهيڙا، گارگند، ڪوڙ ۽ هڪ ٻئي جي بي عزتي ٿيندي ته ان جا منفي اثر ٻار جي ذهن ۽ شخصيت تي پئجي سگهن ٿا. اسان جي معاشري ۾ اڪثر والدين ٻارن جي تعليمي نتيجن تي ته گهڻو ڌيان ڏيندا آهن، پر سندن اخلاقي تربيت کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. سٺا نمبر حاصل ڪرڻ يقيناً اهم آهن. پر سٺي اخلاق کان سواءِ علم به پنهنجي مڪمل مقصد تائين نٿو پهچي سگهي. هڪ ٻار پڙهيل لکيل هجي، پر جيڪڏهن کيس ٻين جي عزت ڪرڻ، پنهنجي غلطي قبول ڪرڻ ۽ ضرورت مند جي مدد ڪرڻ جي عادت نه هجي ته سندس تعليم اڻپوري آهي. تعليم ۽ تربيت ٻئي هڪ ٻئي لاءِ ضروري آهن. اڄ جي جديد دور ۾ موبائل فون، انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا ٻارن جي زندگيءَ جو اهم حصو بڻجي چڪا آهن. ٽيڪنالاجيءَ جا ڪيترائي فائدا آهن. پر ان جو غيرضروري ۽ بي ضابطه استعمال ٻارن جي ذهني، اخلاقي ۽ سماجي نشونما تي خراب اثر وجهي سگهي ٿو. والدين کي گهرجي ته ٻارن جي موبائل استعمال جي وقت تي مناسب حد مقرر ڪن. کين عمر مطابق مواد ڏسڻ جي هدايت ڪن ۽ ڪتابن پڙهڻ، راندين، تخليقي سرگرمين ۽ خاندان سان وقت گذارڻ ڏانهن راغب ڪن. ٻارن تي رڳو پابنديون لڳائڻ بدران کين پابندين جا سبب به سمجهائڻ گهرجن. ٻارن جي تربيت ۾ سختي ۽ نرميءَ جي وچ ۾ توازن رکڻ ضروري آهي. هر ننڍڙي غلطيءَ تي ٻار کي دڙڪا ڏيڻ، مارڻ يا ٻين ٻارن سان ڀيٽڻ سندس خوداعتماديءَ کي نقصان پهچائي سگهي ٿو. ٻار غلطيون ڪري سگهندا آهن. تنهنڪري والدين کي گهرجي ته کين محبت سان سمجهن. غلطيءَ جي اصلاح ڪن ۽ سٺي عمل تي سندن حوصلا افزائي ڪن. ٻار کي پنهنجي ڳالهه چوڻ جو موقعو ڏيڻ به ضروري آهي. جيئن هو پنهنجي احساسن ۽ مسئلن بابت والدين سان بنا خوف جي ڳالهائي سگهي. خاص طور تي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ٻنهي جي تربيت ۾ برابريءَ جو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. ڇوڪريءَ کي عزت، تحفظ ۽ خوداعتماديءَ سان گڏ تعليم ۽ اڳتي وڌڻ جا موقعا ملڻ گهرجن. جڏهن ته ڇوڪري ۽ ڇوڪرو ٻنهي کي ٻين جي عزت ڪرڻ، ذميواري قبول ڪرڻ ۽ ڪنهن سان به ناانصافي نه ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ گهرجي. ٻارن کي ننڍپڻ کان اهو سمجهائڻ ضروري آهي ته عزت، برابري ۽ انساني وقار هر فرد جو بنيادي حق آهي. اسڪول پڻ ٻارن جي تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. استاد رڳو سبق پڙهائڻ وارا نه، پر ٻارن جي شخصيت ٺاهڻ وارا رهنما به آهن. اسڪولن ۾ نظم ۽ ضبط، صفائي، وقت جي پابندي، گڏيل ڪم، سچائي، برداشت ۽ شهري ذميوارين بابت عملي تربيت ڏيڻ گهرجي. والدين ۽ استادن جي وچ ۾ رابطي جو مضبوط نظام هجڻ گهرجي، جيئن ٻار جي تعليمي ۽ اخلاقي ترقيءَ تي گڏجي ڪم ڪري سگهجي. ساڳئي وقت، معاشري جي ذميواري به گهٽ ناهي. اسان جي ٻارن جي سامهون اهڙا مثال پيش ٿيڻ گهرجن، جن مان کين ايمانداري، خدمت، همدردي ۽ قانون جي احترام جو سبق ملي. جڏهن ٻار پنهنجي چوڌاري ناانصافي، بدتميزي، تشدد ۽ ڪرپشن ڏسندا آهن ته سندن ذهنن ۾ غلط رويا عام ٿيڻ جو خطرو وڌي ويندو آهي. تنهنڪري هڪ بهتر معاشري جي تعمير لاءِ ضروري آهي ته وڏا ماڻهو پاڻ به پنهنجي عملن سان ٻارن لاءِ سٺو مثال بڻجن. ٻارن جي ذهني ۽ جذباتي صحت تي به خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. هر ٻار جي صلاحيت، مزاج ۽ سکڻ جو انداز مختلف هوندو آهي. ڪنهن ٻار کي پڙهائيءَ ۾ وڌيڪ وقت لڳندو آهي ته ڪو ٻيو تخليقي سرگرمين ۾ بهتر هوندو آهي. والدين کي گهرجي ته ٻارن تي پنهنجي خواهشن جو غيرضروري بار نه وجهن. پر سندن صلاحيتن کي سڃاڻي کين مناسب رهنمائي فراهم ڪن. ٻار جي ڳالهه ٻڌڻ، سندس خوف ۽ پريشانيءَ کي سمجهڻ ۽ کيس محفوظ ماحول ڏيڻ سندس صحتمند شخصيت لاءِ ضروري آهي. اهو به ياد رکڻ گهرجي ته ٻارن کي صرف نصيحتن سان نه، پر عملي مثالن سان تربيت ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن والدين ٻارن کي سچ ڳالهائڻ جي نصيحت ڪن، پر پاڻ ڪوڙ ڳالهائين، يا کين احترام ڪرڻ سيکارين، پر پاڻ ٻين جي بي عزتي ڪن، ته ٻار جي ذهن ۾ تضاد پيدا ٿيندو. تنهنڪري بهترين تربيت اها آهي. جنهن ۾ قول ۽ فعل هڪجهڙا هجن.

### بقايا 01

جتان جا ماڻهو غيرتمند، بهادر ۽ باوقار آهن. مسلم ليگ (ن) صوبي ۾ جمهوري روايتن جي واڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته 2013ع وارين چونڊن ڪانپوءِ نواز شريف صوبي ۾ اڪثريت حاصل ڪندڙ جماعت کي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو جنهن مان سندس جمهوري سوچ ۽ فراخدلي ظاهر ٿئي ٿي. شهباز شريف چيو ته خيبر پختونخوا ۾ گذريل 13 سالن کان اقتدار ۾ رهندڙ جماعت وڏيون دعوائون ڪندي رهي آهي، پر سوال اهو آهي ته ان عرصي دوران صوبي ۾ ڪيتريون يونيورسٽيون ۽ اسپتالون قائم ڪيون ويون؟ هن چيو ته پشاور کان ڪوهستان، هزارا ۽ ڏاکڻين ضلعن تائين ڪيترائي مسئلا اڃا تائين نظرانداز ٿيل آهن. وزيراعظم جو چوڻ هو ته گذريل اڍائي سالن دوران ملڪ ۾ لانگ مارچ ۽ ڌرڻن جي سياست ڪئي وئي. 2014ع واري ڌرڻي سبب چيني صدر جو پاڪستان جو دورو ملتوي ٿيو، جڏهن ته 2015ع ۾ شي جن پنگ جي دوري دوران اهم معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون. هن چيو ته خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جو فيصلو اڻٽر حالتن ۾ ڪيو ويو. معاملن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ پيپلز پارٽي توڙي مسلم ليگ (ن) جي ڪميٽين 48 ڪلاڪن تائين ڳالهيون ڪيون. ڳالهين ڪانپوءِ تيار ٿيل مسودي جي منظوريءَ جو اوسيئڙو ڪيو ويو، پر منظوري نه ملي سگهي. شهباز شريف موجب عوام، ملڪ، معيشت ۽ معاشري کي وڌيڪ نقصان کان بچائڻ لاءِ فيصلو ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو. هن چيو ته صوبي جي ترقي، خوشحالي ۽ عوام جي خدمت لاءِ مسلم ليگ (ن) پنهنجون ڪوششون جاري رکندي. وزيراعظم چيو ته 2019ع ۽ 2020ع ۾ افغانستان مان دهشتگردن کي واپس آڻي آباد ڪيو ويو، جنهن سبب ملڪ ۾ دهشتگرديءَ ٻيهر ڪر کنيو ۽ پاڪستان کي وڏو نقصان پهتو. هن چيو ته دهشتگرديءَ خلاف ماضيءَ وانگر گڏجي مقابلو ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي، پر سندن ڳالهه نه ٻڌي وئي. ملڪي معيشت بابت ڳالهائيندي شهباز شريف چيو ته معيشت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ عسڪري ۽ سياسي قيادت گڏجي ڏينهن رات محنت ڪئي. عالمي صورتحال ۽ ٻار ملڪن ۾ جنگ سبب پاڻ جي اگهن ۾ غيرمعمولي واڌ ٿي، پر ڏکيائين باوجود حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ فيول سبسڊي اسڪيم شروع ڪئي. هن چيو ته فيول سبسڊي اسڪيم مان هڪ ڪروڙ 30 لک ماڻهو فائدو حاصل ڪري چڪا آهن. جڏهن ته عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ حڪومت 75 ارب رپيا مختص ڪيا آهن. سندس چوڻ هو ته غريب ماڻهن کي رليف ڏيڻ حڪومت جي اهم ترجيح آهي ۽ ملڪي معيشت کي عدم استحڪام کان بچائڻ لاءِ سمورا ممڪن قدم کنيا پيا وڃن.

### بقايا 02

جي فنانسنگ جي منظوري ڏني آهي جنهن جو مقصد شهري پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي کي بهتر بڻائڻ، سنڌ خاص طور تي ڪراچي ۾ ميونسپل سروس جي فراهمي ۾ بهتري آهي. ورلڊ بئنڪ پاران جاري پريس ريليز مطابق سنڌ پراپرٽي ريونيو انهانسمينٽ پروگرام (سنڌ پي آر اي پي) شهري غير منقوله پراپرٽي ٽيڪس (يو آءِ پي ٽي) جي وصولي کي بهتر بڻائڻ ۽ چونڊيل مقامي ڪائونسلن جي خدمتن جي فراهمي جي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ ۾ صوبائي حڪومت جي مدد ڪندي. عالمي بئنڪ جي پاڪستان بابت ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابازار چيو آهي ته اهڙا شهر جيڪي پنهنجي آمدني پاڻ وڌائي سگهن ٿا هو ڊگهي مدي لاءِ منصوبه بندي ۽ سيڙپڪاري ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته سنڌ جي لوڪل ڪائونسلز هن وقت پنهنجي آمدني لاءِ 95 سيڪڙو کان وڌيڪ جي حصي لاءِ صوبائي حڪومت تي انحصار ڪن ٿيون. ڪنٽري ڊائريڪٽر چيو ته ڪراچي ۾ رهائشين ۽ ڪاروبارن مان پراپرٽي ٽيڪس جمع ڪرڻ ۽ مقامي خدمتن ۾ وڌ کان وڌ سيڙپڪاري ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ جوڙيل پروگرام شهرن کي ان قابل بڻائيندو ته هو بنيادي ڍانچي سان مالي سهڪار ڪري سگهن. دنيا جي وڏن شهرن مان هڪ هجڻ باوجود، ڪراچي في الحال رڳو 8.5 ملين ڊالر ساليانو پراپرٽي ٽيڪس جمع ڪري ٿو

### بقايا 03

ق ملڪ چيو آهي ته جديد خلائي ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت، سائنسي ڄاڻ ۽ قدرتي آفتن بابت اڳواٽ وارننگ جي نظام جي موجودگي باوجود انساني زندگين جو وڏي پيماني تي ضايع ٿيڻ فڪر جو لمحو آهي. صرف وارننگ جاري ڪرڻ ڪافي ناهي پر ان کي وقت سر لاڳاپيل ۽ متاثر ماڻهن تائين پهچائڻ سان گڏ خطرن کان بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم ۽ فالواپ به يقيني بڻائڻ ضروري آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر تي اڳواٽ وارننگ بابت خلائي ٽيڪنالاجي، ڪلائيميٽ ايڪشن ۽ ڊزاسٽر رسڪ اسيسمينٽ جي موضوع تي منعقد عالمي ڪانفرنس جي پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته ڪراچي ۾ هڪ هفتي دوران هيٽ ويو سبب 4600 فوتگيون ٿيون جيتوڻيڪ اسان کي معلوم آهي ته هيٽ ويو ڪٿان پيدا ٿي رهي آهي. سائنس وٽ صحيح ڄاڻ ۽ اڳواٽ وارننگ موجود آهي ته پوءِ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ايتري وڏي انگ ۾ انساني زندگيون ڇو ضايع ٿي رهيون آهن.

### بقايا 04

سان لاڳاپيل اهم مسئلو آهي. اهڙن عملن سان سنڌي قوم جي قومي سڃاڻپ کي ورهائڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.” سماجي رابطن جي ويب سائيٽ تي جاري ڪيل بيان ۾ سورٺ سنڌو چيو ته ”جيڪڏهن 2012ع کان هينئر تائين پيش آيل واقعن جو جائزو ورتو وڃي ته ڪيترن ئي هندو ٻارن ۽ نياڻين جي مذهب جي تبديلي جا واقعا سامهون ايندا.” هن چيو ته ”گهوٽڪي ۾ پيش آيل اهو واقعو به ياد رکڻ گهرجي، جنهن ۾ هڪ هندو ناريءَ کي گاڏيءَ تي ٻيهاري پنهنجي فتح ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي.” هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ٻچي ٻچي کي اوهان جي ڪرتوتن جي خبر آهي.

### بقايا 05

ميمبرن خيبرپختونخوا جي اڳوڻي وڏي وزيرعلي امين گنڊاپور کي به وفاق سان ٿيندڙ ڳالهين واري عمل ۾ شامل ڪرڻ جي حمايت ڪئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پارلياماني پارٽي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ ڪارڪنن طرفان احتجاج لاءِ ٻاهر نه نڪرڻ واري فيصلي کي بهتر قرار ڏنو ميمبرن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪارڪن ٻاهر نڪرن ها ته 9 مئي جهڙن واقعن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي پيو. پي ٽي آءِ جي صوبائي پارلياماني پارٽي جو آن لائن اجلاس ٿيو، جنهن ۾ علي امين گنڊاپور سميت اسيمبلي جا 40 کان وڌيڪ ميمبر شريڪ ٿيا، جڏهن ته بئريسٽر گوهر ۽ نورالحق قادري به اجلاس ۾ موجود هئا.

### بقايا 06

۾ 2 روپيه 9 پئسن جو اضافو ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ ڊيزل جي نئين قيمت 402 روپيه 96 پئسا في ليٽر مقرر ٿي وئي آهي. اوگرا جي نوٽيفڪيشن موجب 11.8 ڪلو گرام جي گهريلو سلنڊر جي قيمت ۾ 173 روپيه 86 پئسا اضافو ڪيو ويو آهي. جنهن کان پوءِ سلينڊر جي نئين قيمت 3 هزار 470 روپيه 9 پئسا مقرر ٿي وئي آهي. آڪٽوبر ۾ گهريلو سلنڊر جي قيمت 3 هزار 296 روپيه 23 پئسا هئي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ايل پي جي في ٽن پروڊيوسر قيمت ۾ 14 هزار 733 روپيه 98 پئسا اضافو ڪيو ويو آهي، جنهن کان پوءِ نومبر جي لاءِ پروڊيوسر قيمت 2 لک 52 هزار 775 روپيه 47 پئسا في ٽن مقرر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته صارف قيمت 2 لک 94 هزار 75 روپيه 47 پئسا في ٽن ٿي وئي آهي. اوگرا موجب گذريل مهيني جي مقابلي ۾ سعودي آرامڪو ڪانٽريڪٽ پرائس ۾ 6.47 سيڪڙو اضافو ٿيو، جڏهن ته ڊالر جي مٽاسٽا ۾ 0.12 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. ايل پي جي صارف قيمت ۾ گڏيل طور تي 5.27 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي.

### بقايا 07

۾ خيالن جو اظهار ڪندي هن چيو ته شاهراه پٽو ايڪسپريس وي منصوبو نهايت اهم ۽ انهي جي سيڪيورٽي انتهائي ضروري آهي. هن چيو ته شاهراه پٽو ايڪسپريس وي هڪ نئون پروجيڪٽ آهي سنڌ حڪومت جو انهي تي خصوصي ڌيان آهي. سنڌ جي گهرو وزير شاهراه پٽو جي لاءِ 2 موبائل مڪينڪ ورڪشاپ جلد کان جلد تيار ڪرڻ جي لاءِ لاڳاپيل ادارن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته شاهراه پٽو تي اوچتو خراب ٿيل گاڏين جي لاءِ ٽو وهيڪل جو به انتظام ڪيو وڃي.

### بقايا 08

مهانگائي، تعليمي خرچن ۽ رهائش جي مسئلن خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا. ملڪ گير هڙتال جي دوران ٿيل مظاهرا پرامن رهيا، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن اسڪولن ۽ يونيورسٽي جي لاءِ وڌيڪ فنڊز، سستا گهر ۽ روزاني جي خرچن ۾ گهٽتائي جو مطالبو ڪيو. خبرون ڏيندڙ اداري اي ايف پي موجب جمعي تي ٿيل اهي مظاهرا تازو هلندڙ اٽلي ۾ احتجاجي سرگرمين جي سڀني کان وڏي لهر جو حصو هئي. شاگردن مختلف شهرن ۾ اسڪولن تي قبضا ۽ عارضي خيما قائم ڪري پنهنجا مطالبا اختيارين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. اٽلي جي ٽريڊ يونين يو ايس بي طرفان ملڪ گير عام هڙتال جو به سڏ ڏنو ويو هو جنهن ۾ ٽرڪ ڊرائيورن، ٽيڪسي ڊرائيورن ۽ هارين سميت مختلف شعبن جي ڪارڪنن شرڪت ڪئي، اهو طبقو هلندڙ هفتن ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن ۽ دفاعي خرچن ۾ اضافي جي خلاف به احتجاج ڪندا رهيا آهن.

### بقايا 09

مولانا اسعد محمود اسلام آباد ۾ رهائشگاهه تي حدخلين جي حوالي سان ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي(سي ڊي اي) جي نوٽيس تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته پشاور ۾ ڪور ڪمانڊر سامهون حدخلين جي نشاندهي تي انتقامي ڪارروايون شروع ڪيون ويون آهن. سي ڊي اي جي نوٽيس تي رد عمل ڏيندي مولانا فضل الرحمان جي پٽ مولانا اسعد محمود چيو ته پشاور ۾ ڪور ڪمانڊر جي سامهون حدخلين جي نشاندهي ڪئي ته انتقامي ڪارروايون شروع ڪيون ويون آهن، جڏهن ته نشاندهي جو ڪو به جواب نه مليو ته مخالف ڪڏين حرڪتن تي لهي آيا آهن. هن چيو ته سيڪيورٽي گارڊ جو ڪيبن هٽائڻ، جنريٽر منتقل ڪرڻ ۽ اضافي ڪچن جي تعمير تي به اعتراض ڪيا ويا آهن. مولانا اسعد محمود چيو ته ملڪ جا سمورا ادارا هڪ شخص جي انتقامي جذبن جي تسڪين لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن. سياسي اختلافن کي ذاتي انتقام ۾ تبديل ڪرڻ ڳڻتي جوڳو عمل آهي. هن جمعيت علماءِ اسلام جي ڪارڪنن کي مخاطب ڪندي چيو ته اهي حالتن کان باخبر ۽ سجاڳ رهن.

### بقايا 10

ين جي ناري صاحبه عرف مهڪ پنهنجي محبوب سان شادي ڪرڻ جي خواهش پوري نه ٿيڻ تي اٽڪل 100 فوٽ اوچي موبائل ٽاور تي چڙهي وئي، پرڏيهي ميڊيا موجب، مهڪ پنهنجي 21 ورهين جي نورالدين سان شادي ڪرڻ چاهي پئي، پر ٻنهي خاندانن ان رشتي جي مخالفت ڪئي هئي. شاديءَ واري معاملي تي ماءُ سان بحث ڪانپوءِ مهڪ ڪاوڙ ۾ ٽاور تي چڙهي وئي. پوليس موجب، ڇوڪري لڳ ڀڳ چار ڪلاڪ ٽاور تي موجود رهي، ان دوران وارثن، علائقائي واسين ۽ پوليس کيس هيٺ لهڻ لاءِ گهڻو سمجهايو، پر هن مطالبو پورو نه ٿيڻ جي صورت ۾ ٽاور تان ٽپو ڏيڻ جي ڌمڪي ڏني. ميڊيا رپورٽن موجب، ان وقت نورالدين روزگار سانگي ممبئي ۾ هو صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ نورالدين سان رابطو ڪيو ويو ۽ ٻنهي خاندانن وچ ۾ اختلاف ختم ڪرڻ جون ڪوششون به ڪيون ويون. رپورٽن موجب، خاندانن جي رضامندي ملڻ باوجود هڪ مقامي مسلمان عالم ويڊيو ڪال ذريعي ٻنهي جو نڪاح پڙهايو. جنهن ۾ نورالدين ممبئي مان آن لائن شرڪت ڪئي. نڪاح ڪانپوءِ مهڪ پوليس جي مدد سان ٽاور تان هيٺ لهي آئي.

### بقايا 11

آبادي جي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ پائيدار شهري ترقي جي باري ۾ شعور اجاگر ڪرڻ آهي. واضح رهي ته سڄي دنيا ۾ شهرن کي مختلف مسئلا سامهون آهن جنهن ۾ سستن گهرن جي کوٽ، پراڻن رهائشي علائقن ۽ بنيادي ڍانچي جا مسئلا، شهري زمين جو غير موثر استعمال، موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيندڙ خطرن ۽ سماجي اڻبرابري ۾ اضافو شامل آهن. ان ڏينهن جي مناسبت سان مختلف قومي، نجي ۽ سماجي ادارن، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا طرفان خصوصي رپورٽون ۽ پروگرام نشر ڪيا ويا، شهرين کي پنهنجي شهرن کي بهتر ۽ سر سبز بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ سان گڏوگڏ پائيدار شهرن جي حوالي سان گڏيل قومن جي هدفن جي باري ۾ به آگاهي فراهم ڪئي وئي.

### بقايا 12

۾ سڀني کان وڌيڪ 3 هزار 900 ٻار ايڊز سبب متاثر آهن. پنجاب ۾ 1 هزار 765، خيبرپختونخواهه ۾ 139، بلوچستان ۾ 46، اسلام آباد ۾ 30، آزاد ڪشمير 4 ۽ گلگت بلتستان ۾ ايڊز جو هڪ مريض ٻار آهي پيپلز پارٽي جي ايم اين اي ڊاڪٽر شرميلا فاروقي جي سوال تي وفاقي وزير صحت سيد مصطفيٰ ڪمال ٻڌايو ته ايچ آئي وي جي وڌيڪ منتقلي کي روڪڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن طرفان قدم کنيا ويا آهن. سيپٽمبر 2026 جي جائزه رپورٽ موجب ايچ آئي وي جي مريضن جو تعداد 3 لک 17 هزار 214 آهي جنهن مان 92 هزار 148 رجسٽرڊ آهن جڏهن ته 67 هزار 878 اينٽي ريٽرو وائرل ٿراپي(اي آر ٽي) تي آهن. جڏهن ته 2010 جي مقابلي ۾ 2024 ۾ ايچ آئي وي جي ساليانو ڪيسز جو تعداد 16 هزار مان وڌي 48 هزار تائين پهچي ويو آهي. 2020 جي مقابلي ۾ 2025ع ۾ اسڪريننگ ۾ نمايان اضافو ٿيو. اسڪريننگ جو تعداد 37 هزار 944 مان وڌي 3 لک 74 هزار تائين پهچي ويو.

### بقايا 13

مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. وفاقي شماريات کاتي جي تازي رپورٽ ۾ مختلف شهرن ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهن جي قيمتن جا تفصيل جاري ڪيا ويا آهن جنهن موجب ڪراچي ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت 3 هزار 540 روپين تائين برقرار آهي. جيڪا ملڪ جي مختلف شهرن جي مقابلي ۾ سڀني کان وڌيڪ آهي. ٻئي طرف حيدرآباد ۾ ساڳيو ٿيلهو 3 هزار 400 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ 20 ڪلو اٽي جي قيمت 3 هزار 333 روپيه 33 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته راولپنڊي ۾ شهرين کي ساڳيو ٿيلهو 3 هزار 306 روپيه 66 پئسن ۾ ملي رهيو آهي. اهڙي طرح لاڙڪاڻي ۽ پشاور ۾ به 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 3 هزار 300 روپين تائين وڪرو ٿي رهيو آهي.

### بقايا 14

ريعن موجب مُک جوابدار پنهنجي ساٿين سميت ٻئي صوبي ۾ لڪل هو. ذريعن موجب سي سي ڊي پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪري واپس اچي رهي هئي ته رستي ۾ حملو ڪيو ويو مُک جوابدار سرفراز پنهنجي ئي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو ذريعن جو چوڻ آهي ته جوابدار مسلسل پنهنجي لوڪيشن تبديل ڪري رهيا هئا، جنهن کي گڏيل رٿ تحت گرفتار ڪري آندو پئي ويو جوابدار جا ساٿي جن ۾ هڪ عورت عروبه ۽ ٻيا ڏوهاري گرفتار آهن جوابدار سرفراز ڪجهه ڏينهن اڳ وليمي جي ڏينهن ڪنوار صبا کي گهر ويندي قتل ڪيو هو. سي سي ڊي گوجرانواله موجب جوابدار شادي کان انڪار تي ڪار ۾ ويٺل صبا تي فائرنگ ڪئي هئي. واقعي جو ڪيس مقتوله جي والد جي مدعيت ۾ سي سي ڊي ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو هو سي سي ڊي موجب جوابدار سرفراز صبا کي قتل ڪرڻ کان پوءِ لڪي ويو هو.

### بقايا 15

ي چيو آهي ته پاڪستان ۾ حلال فورم منعقد ٿيڻ سنگ ميل آهي. حلال انڊسٽري عالمي معيشت جو هڪ اهم شعبو بڻجي چڪو آهي. خالد حسن مڪسي چيو ته پاڪستان ۾ حلال مصنوعات جي روانگي واپار ۾ اضافي ۽ وسيع موقعا موجود آهن. وفاقي وزير چيو ته حلال معيشت کي هٿي ڏيڻ لاءِ سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ جدت اهم آهن. هن چيو ته پاڪستان عالمي حلال مارڪيٽ ۾ اهم حيثيت حاصل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو وفاقي وزير چيو ته پاڪستان حلال اٿارٽي ملڪ ۾ حلال مصنوعات جي قومي ريگوليٽري ادارو آهي. حلال مصنوعات جو معيار ۽ سرٽيفڪيشن جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائينداسين. هن چيو ته عالمي معيار جي گڏيل منظوري سان پاڪستان مصنوعات جو روانگي واپار وڌائي سگهجي ٿو خالد حسين مڪسي چيو ته حلال انڊسٽري ۾ نوجوانن ۽ ننڍن ڪاروبارن لاءِ وسيع موقعا آهن. وفاقي وزير چيو ته حلال مصنوعات جي عالمي مارڪيٽ تائين پهچ لاءِ بين الاقوامي سهڪار ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان حلال اٿارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. حلال شعبي ۾ عالمي ادارن سان شراڪتداري کي هٿي ڏينداسين پنهنجي خطاب جي آخر ۾ خالد حسين مڪسي پاڪستان حلال فورم ڪاميابي سان منعقد ڪرڻ تي انتظاميا کي مبارڪون به پيش ڪيون.

### بقايا 16

رياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 27 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 65 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ چوڙ 9 هزار ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد ۽ چوڙ 34 هزار ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 7 هزار ڪيوسڪ ۽ چوڙ 16 هزار ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 8 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 2 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. ٻئراجن جي انگن اکرن مطابق گڊو ٻئراج ۾ پاڻي جي آمد 38 هزار 200 ڪيو

### بقايا 17

ميڊيا مطابق پوليس ٻڌايو ته هنگامي امدادي ادارن کي ڇنڇر جي صبح 10 لڳي 30 منٽن تي ساموندي علائقي ٻاٿرن بي ويجهو حادثي جو اطلاع مليو. جنهن تي پوليس اهلڪار موقعي تي پهتا ته انهن کي خبر پئي ته ٻن گاڏين جا ڊرائيور جن ۾ 50 سالن جي عورت ۽ 60 سالن جو مرد شامل آهن موقعي تي ئي فوت ٿي ويا آهن. حادثي ۾ زخمي ٿيل 60 سالن جي عورت کي ايمبولنس عملي موقعي تي ئي طبي امداد فراهم ڪئي جنهن ڪانپوءِ انهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ هوائي ايمبولنس ذريعي اسپتال منتقل ڪيو ويو ٽئين گاڏي ۾ سوار مسافر محفوظ رهيا. پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

### بقايا 18

جي حوالي سان محتاط طور تي پراميد آهي، جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي اڳيرائي نظر نه اچي ها ته فيلڊ مارشل ٻيهر(ايران) ڇو وڃي ها؟ امن جي ڪوشش تي ڪوڙيندڙ طاقتور عناصر هميشه موجود آهن. سعودي عرب وڌيڪ پاڪستاني فوج اماڻڻ جو فيصلو حالتن ۽ ٻنهي ملڪن جي سياسي قيادت جي فيصلن سان جڙيل آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته ڪوليڪٽو ڊيٽرنس ۽ علائقائي امن جو گڏيل وژن رکندڙ ملڪ (مڪ دفاعي معاهدي) اتحاد ۾ شامل ٿي سگهن. مڪ دفاعي معاهدي ۾ نون ملڪن جي شموليت جو فيصلو ٻنهي ملڪن جي سياسي قيادت کي ڪرڻو آهي. پاڪستان سعودي عرب ۽ مقدس هنڌن مڪ، مديني جي دفاع لاءِ پرعزم آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته يمن جو تڪرار يمن جو اندروني معاملو آهي. پر پاڪستان انهي تڪرار جو حصو نه آهي. پر سعودي عرب ۽ حرمين شريفين جي تحفظ لاءِ هر وقت موجود آهي. خيبرپختونخواهه ۾ وڏا آپريشن نه پر دهشتگردي جي خاتمي لاءِ انٽيليجنس جي بنياد تي ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وينديون.

### بقايا 19

نوٽيفڪيشن موجب ايل پي جي. جي گهريلو سلنڊر جي قيمت 173 رپيا 86 پيسن جي اضافي ڪانپوءِ 11.8 ڪلو گرام جي ايل پي جي سلنڊر جو نئون اگهه 3 هزار 470 رپيا 9 پيسا مقرر ڪيو ويو آهي. ايل پي جي جو نئون اگهه 1 نومبر کان لاڳو ٿيندو. اوگرا جي ترجمان چيو آهي ته ايل پي جي پروڊيوسر جو اگهه سعودي آرامڪو — سي پي ۽ آمريڪي ڊالر جي ايڪسچينج ريٽ سان ڳنڍيل آهي. گذريل مهيني جي ڀيٽ ۾ سعودي آرامڪو- سي پي ۾ 6.47 سيڪڙو اضافو ٿيو جڏهن ته ڊالر جي ايڪسچينج ريٽ ۾ 0.12 سيڪڙو معمولي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ ايل پي جي اگهه ۾ 11.8 ڪلوگرام سلنڊر تي 173 رپيا 86 پيسا (5.27 سيڪڙو) اضافو ٿيو آهي.

### بقايا 20

، پر اداري ٿنڀا نه هٽايا. وڏي وزير موجب، حڪومت سوچيو ته ٻيهر روڊ تعمير ڪيو وڃي، جنهن ڪانپوءِ حيسڪو اهي ٿنڀا هٽائڻ لاءِ دٻاءُ وڌندو. روڊ ناهي ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو ته ماڻهن سوال اٿاريو ته روڊ جي وچ ۾ ٿنڀا ڇو موجود آهن. مراد علي شاهه ٻڌايو ته هاڻي ڪيس جاڻ ملي آهي ته 100 مان 25 ٿنڀا هٽايا ويا آهن. هن چيو ته ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا جا ٿورائتا آهيون، جن مدد ڪئي. چو ته وفاقي ادارا سندن ڳالهه نٿا ٻڌن. وڏي وزير وڌيڪ چيو ته روڊ جو ڪم مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ حيدرآباد جي ماڻهن کي وڏي سهولت ملندي. سندس چوڻ هو ته اهو هڪ وڏو منصوبو هو، جنهن ۾ ميڊيا اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

### بقايا 21

ڪندو. وزيراعظم جي روس جي دوري لاءِ تياريون شروع ڪيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب وزيراعظم ڊسمبر جي پهرين هفتي روس جو سرڪاري دورو ڪندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته دوري دوران وزيراعظم سان گڏ وڏو واپاري وفد پڻ ماسڪو ويندو، جڏهن ته وزيراعظم گڏيل بزنس فورم کي خطاب ڪندو.

### بقايا 22

ٽي — 3 ميزائل سگمينٽ انهانسمينٽ ميزائلن ۽ لاڳاپيل اوزارن جي امڪاني وڪري جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. جنهن جو ڪاٽو 2.1 بلين ڊالر آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق پرڏيهي کاتي جي ويب سائيٽ تي جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته ان وڪري جا سمورا خرچ ڪينيڊا، جرمني ۽ ناروي جي مالي سهڪار کان علاوه يورپي يونين جي يوڪرين سپورٽ لون ذريعي پورا ڪيا ويندا. جڏهن ته ان مقصد لاءِ آمريڪي فنڊز استعمال نه ٿيندا. بيان ۾ چيو ويو آهي ته اهو وڪرو يورپ ۾ سياسي ۽ اقتصادي استحڪام ۾ ڪردار ادا ڪندڙ پائيدار ملڪن جي سلامتي کي مضبوط بڻائي آمريڪي پرڏيهي پاليسي ۽ قومي سلامتي جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. لاڪ هيڊ مارٽن ان معاهدي جو مرڪزي ٺيڪيدار هوندو. ان وڪري جي نتيجي ۾ يوڪرين ۾ اضافي آمريڪي نمائندن جي مقرري جي ضرورت نه پوندي ۽ نه ئي ان سان آمريڪي دفاعي تياري متاثر ٿيندي.

### بقايا 23

اداري پنهنجي ساليانو سياري جي موسم جي امدادي مهم جي شروعات ڪري ڇڏي آهي، جنهن تحت يوڪرين، شام، لبنان ۽ افغانستان ۾ اٽڪل 90 لک ماڻهن جي مدد لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 5 ڪروڙ ڊالر جمع ڪرائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق گڏيل قومن جي ترجمان اسٽيفن دوجارڪ چيو ته فنڊز جي کوٽ ۽ توانائي جي قيمتن ۾ اضافي سبب انساني ضرورتن ۾ اضافو ٿيو آهي جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ 90 لک ماڻهن کي سياري جي موسم گذارڻ لاءِ اضافي مدد گهربل آهي. اداري جو هدف آهي ته 27_2026ع جي سياري جي موسم دوران امدادي سرگرمين لاءِ پنهنجي ساليانو مهم ذريعي گهٽ ۾ گهٽ 5 ڪروڙ ڊالر جمع ڪيا وڃن. اهو هدف گذريل سال جمع ٿيل امدادي رقم کان 30 لک ڊالر وڌيڪ آهي.

### بقايا 24

جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر ويوين بالاڪرشنن 30 آڪٽوبر تي پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪيو. ٻه طرفن لاڳاپن جي سمورن پهلوئن جو جائزو ورتو ويو ۽ علائقائي ۽ عالمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ڇنڇر ڏينهن پرڏيهي وزارت مان جاري پڌرائي مطابق ڳالهين ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ تعاون کي مضبوط بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو. جنهن ۾ زراعت، بنيادي ڍانچي جي ترقي، ڊجيٽل ٽيڪنالاجيز، ماليات، ٽيڪنالاجيز جي خدمتن جي شعبي کي خاص اهميت ڏني وئي. ٻنهي ڌرين سائبر سيڪيورٽي، موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، سگهه ۾ اضافي، فني تربيت، مهارتن جي ترقي ۽ عوامي سطح تي رابطن کي هٿي

### بقايا 25

وٽ ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق اتراکنڊ سول ايوي ايشن ڊولپمينٽ اٿارٽي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر پرتيڪ جين واقعي جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته اهو حادثو گذريل ڏينهن چمولي ضلعي جي گوٽ چائي ويجهو ان وقت پيش آيو جڏهن هيلي ڪاپٽر مقامي وقت مطابق منجهند 1 لڳي 14 منٽن تي هندن جي مقدس هنڌ بدري ناٿ تان اڏام ڀري هئي. ان وقت علائقي ۾ برفباري ٿي رهي هئي. بعد ۾ هاٿي پربت جي علائقي ويجهو هيلي ڪاپٽر جو رابطو ڪٽجي ويو حادثي ۾ هيلي ڪاپٽر ۾ سوار سمورا 6 ڄڻا فوت ٿي ويا. هن چيو ته حادثي جا سبب ڄاڻڻ لاءِ جاچ ڪئي ويندي ۽ جاچ جي نتيجن جي روشني ۾ فيصلو ڪيو ويندو ته سيزن جي باقي عرصي ۾ شٽل ۽ چارٽر اڏامن جو سلسلو ڪهڙي طرح جاري رکيو ويندو.

### بقايا 26

رشنن جنرل هيڊ ڪوارٽرز(جي ايچ ڪيو) راولپنڊي ۾ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، علائقائي ۽ عالمي سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ ايس پي آر موجب ملاقات ۾ علائقائي امن، استحڪام ۽ پاڪستان، سينگاپور جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي امڪانن تي به ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات جي دوران ٻنهي طرفان پاڪستان ۽ سينگاپور جي وچ ۾ رابطي ۽ تعميري تعاون وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو ڊرين انهي ڳالهه جو اظهار ڪيو ويو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ موجود دوستانا لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سينگاپور سان لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي لاءِ پاڪستان جي ارادي جو اظهار ڪيو ۽ مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو انهي موقعي تي سينگاپور جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر ويوين بالاڪرشنن به پاڪستان سان ٻطرفي لاڳاپن کي وڌائڻ جي اهميت جو اظهار ڪيو. سينگاپور جي پرڏيهي وزير پاڪستان جي هٿياربند فوج جي پيشيوارانه صلاحيتن جي تعريف ڪندي علائقائي امن، استحڪام جي لاءِ پاڪستان جي خدمتن جو به اعتراف ڪيو ملاقات ۾ انهي ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ويو ته خطي ۾ امن، استحڪام ۽ سلامتي کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تعاون ۽ رابطن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ اهميت جوڳي آهي.

### بقايا 27

اري ڪيا ويا آهن. نوٽيسن ۾ مدرسن جي انتظاميا کي 15 ڏينهن اندر مبينا اڏاوتي پيچڪڙيون ختم ڪرڻ ۽ عمارتن جا منظور ٿيل نقشا جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. سي ڊي اي انتظاميا خبردار ڪيو آهي ته مقرر مدي اندر هدايتن تي عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ لاڳاپيل عمارتون سيل ڪرڻ سان گڏ ڏنڊ به لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

### بقايا 28

چوڌري چيو ته مولانا فضل الرحمان طرفان غيرقانوني حدخلين جو دفاع ڪرڻ مناسب ناهي. اسلام آباد ۾ گذريل ڏيڍ سال کان حدخلين خلاف مهم جاري آهي، اها اڄ شروع نه ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ان ئي مهم تحت نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن مولانا فضل الرحمان اتي رهائش پذير آهي ۽ غيرقانوني اڏاوت جو تحفظ ڪرڻ چاهي ٿو ته اهو مناسب عمل نه هوندو ۽ حدخلين ڪنهن جون به هجن، انهن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي ويندي.

### بقايا 29

۽ خطي ۾ چڪتاڻ وڌڻ جي خدشن کي نظر ۾ رکندي ڪيو ويو آهي. خبرن موجب رياض ۾ آمريڪي سفارتخاني سعودي عرب ۾ پنهنجي سفارتي مشنز جي لاءِ سيڪيورٽي الرٽ جاري ڪيو آهي. انهي ۾ چيو ويو آهي ته ايران جي حمايت يافته حوثي سعودي عرب جي خلاف ڪارروايون ڪري رهيا آهن جن ۾ شهري هوائي اڏن ۽ ٻين اهم ٺڪاڻن کي نشانو بڻائڻ جا حملا به شامل آهن. آمريڪي سفارتخاني جي سيڪيورٽي آگاهي موجب اهڙن حملن جي نتيجي ۾ شهرين جي فوت ٿيڻ ۽ زخمي ٿيڻ جا واقعا پيش آيا آهن، جڏهن ته فضائي سفر به سخت متاثر ٿيو آهي. آگاهي ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته اها چڪتاڻ پنهنجي موجوده دائري کان اڳيان تيزي سان پکڙجي سگهي ٿي. سفارتخاني وڌيڪ هدايت ڪئي آهي ته سعودي عرب ۾ موجود آمريڪي سرڪاري اهلڪار حوثي حملن کان پوءِ ڪنهن به سعودي هوائي اڏي جي استعمال کان اڳ مشن جي سربراهه کان اجازت حاصل ڪري ۽ چرپر جي دوران انتهائي احتياط کان ڪم وٺي. آمريڪي اختيارين طرفان اهي قدم سعودي عرب ۾ سيڪيورٽي صورتحال ۽ خطي ۾ امڪاني چڪتاڻ جي خدشن کي ظاهر ڪن ٿا.

### بقايا 30

ن خصوصي شرڪت جي موقعي تي صحافين سان ڳالهيون ڪندي سعيد غني چيو ته گذريل سال فرسٽ ايڪسپو آزادي جي نالي سان سجايو ويو، ٻئي ايڊيشن جو نالو علامه اقبال سان جوڙيل آهي. سمورن ادارن کي گهرجي ته واپارين سان تعاون ڪن. سموري دنيا جي مقابلي ۾ اسان جي ملڪ ۾ فرنيچر جون قيمتون گهٽ آهن. اسان جو ٺاهيل فرنيچر سموري دنيا ۾ ويندو آهي. هن چيو ته گذريل سال هتي 150 اسٽال لڳايا ويا هئا، هن سال ايڪسپو ۾ 200 اسٽال لڳايا ويا آهن. خوشي جي ڳالهه اها آهي ته مقامي فرنيچر جا اسٽال وڌيڪ آهن.

### بقايا 31

۽ في تولي سون جي قيمت 4 لک 10 هزار رپين کان به هيٺ اچي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، في تولي سون 10 هزار 800 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 4 لک 9 هزار 736 رپين جو ٿي ويو آهي. اهڙيءَ طرح 10 گرام سون جي قيمت ۾ 9 هزار 259 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ نئون اگهه 3 لک 51 هزار 282 رپيا ٿي ويو آهي. ايسوسيئيشن موجب، عالمي مارڪيٽ ۾ به سون جي قيمت 108 ڊالر گهٽجي 3 هزار 872 ڊالر في اونس تي اچي وئي آهي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن به ملڪ ۾ في تولي سون جي اگهه ۾ 5 هزار 100 رپين جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي هئي.

### بقايا 32

هه تي غيرقانوني اڏاوتن ۽ حد دخلين جي نشاندهي ڪندي ڪارروائي جو نوٽيس لڳائي ڇڏيو سي ڊي اي موجب، گهر ٻاهران سيڪيورٽي گارڊن جا ڪيبن ۽ جنريٽر اٿارٽي جي زمين تي قائم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته گهر جي سيٽ بيڪس واري حصي ۾ پڻ غيرقانوني اڏاوتون ڪيون ويون آهن. سي ڊي اي مولانا فضل الرحمان کي حدخلين ختم ڪرڻ لاءِ 15 ڏينهن جي مهلت ڏني آهي. نوٽيس ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته مقرر مدي اندر غيرقانوني اڏاوتون ختم نه ڪيون ويون ته عمارت سيل ڪرڻ يا اڏاوتون ڊاهڻ جي ڪارروائي ڪئي ويندي. اٿارٽي عمارت جي مالڪ طور امان الله محمد يونس جي نالي نوٽيس جاري ڪيو آهي. واضح رهي ته 18 مارچ 2019ع تي به مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تان حد دخلين هٽائڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. مولانا فضل الرحمان جي پٽ جو ردعمل سي ڊي اي جي نوٽيس تي ردعمل ڏيندي مولانا فضل الرحمان جي پٽ مولانا اسعد محمود چيو ته پشاور ۾ ڪور ڪمانڊر جي سامهون حد دخلين جي نشاندهي ڪئي ته ان ڪانپوءِ انتقامي ڪارروايون شروع ڪيون ويون. هن چيو ته جڏهن نشاندهي تي ڪو جواب نه مليو ته مخالف ڪڏين حرڪتن تي لهي آيا آهن. مولانا اسعد محمود موجب، سيڪيورٽي گارڊ جو ڪيبن هٽائڻ، جنريٽر منتقل ڪرڻ ۽ اضافي رڌڻي جي اڏاوت تي به اعتراض واريا ويا آهن. هن الزام هنيو ته ملڪ جا سمورا ادارا هڪ شخص جي انتقامي جذبن جي تسڪين لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته سياسي اختلافن کي ذاتي انتقام ۾ تبديل ڪرڻ ڳڻتي جوڳو عمل آهي. قوم ۽ جمعيت جا ڪارڪن حالتن کان باخبر ۽ سجاڳ رهن.

### بقايا 33

ار سرفراز مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو سي سي ڊي موجب، مدوخيل روڊ تي اهلڪار آپريشن لاءِ وڃي رهيا هئا ته ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار ڇهن کان وڌيڪ ڏوهارين سي سي ڊي جي ٽيم تي فائرنگ ڪري ڏني. فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو. جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا. سي سي ڊي جو چوڻ آهي ته زخمي جوابدار جي سڃاڻپ سرفراز طور ٿي، جنهن اسپتال نيڻ دوران زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته سرفراز پنهنجي ئي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو سي سي ڊي موجب، ٻي ڪارروائي دوران مُک جوابدار جي هڪ ساٿي کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد جوابدار عورت عروبه اڳ ئي پوليس جي حراست ۾ آهي. واضح رهي ته 24 آڪٽوبر تي سمن آباد ۾ چنگي ويجهو وليمي جي تقريب کان واپسيءَ دوران ڪنوار صبا کي قتل ڪيو ويو هو. پوليس موجب، جوابدار سرفراز تي سال اڳ مقتولا جي گهر شاديءَ لاءِ رشتو موڪليو هو، پر ڇوڪريءَ جي وارثن انڪار ڪري ڇڏيو هو واقعي جو ڪيس مُک جوابدار، مقتولا جي ساهيڙي سميت ٽن ڄڻن خلاف داخل ڪيو ويو هو.

### بقايا 34

موقعي تي انٽرنيشنل معارف اسڪولز ايچ ايٽ اسلام آباد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ترڪيه جي قومي تاريخ، ثقافتي ورثي ۽ پاڪستان سان پراڻي دوستي کي اجاگر ڪيو ويو ان موقعي تي سفارتي نمائندن، حڪومتي عهديدارن، ادارن جي قيادت، شاگردن، استادن ۽ عملي جي ميمبرن سميت شاگردن جي والدين شرڪت ڪئي ۽ ٻنهي ڀائر ملڪن وچ ۾ تاريخي لاڳاپن کي خراج تحسين پيش ڪيو پاڪ ترڪ معارف انٽرنيشنل اسڪولز اينڊ ڪاليجز طرفان جاري پڌرائي موجب تقريب ۾ تعليم ۽ پيشيوارانه مملڪتي وزير وجيهه قمر خاص مهمان طور جڏهن ته ترڪيه جي سفير ڊاڪٽر عرفان نذير اوغلو پاڪستان ۾ ترڪ جمهوريه اتر قبرص جي سفير برڪت ڪوپ، سينيٽر ثنا جمالي، ترڪمان، انڊونيشيا، شام، فلسطين ۽ مصر جي معزز مهمانن، ترڪ ادارن ۽ ڪمپنين جي نمائندن سميت پاڪ ترڪ معارف انٽرنيشنل اسڪولز اينڊ ڪاليجز پاڪستان جي ڪنٽري ڊائريڪٽر هارون ڪوچوڪالا ڏاغلي شرڪت ڪئي.

### بقايا 35

وچ ۾ ڳالهيون ٿيون، جن ۾ اعجاز جکراڻي، خالد جکراڻي، نادر مگسي، اشرف جتوئي، صالح شهليائي ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا. جڏهن ته مير خالد خان جکراڻي به سيال هائوس پهتو ميڊيا سان ڳالهائيندي سهيل انور سيال ٻڌايو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ چڪتاڻ جو اصل سبب ملڪيت نه، پر زيدخان جکراڻي جو موت آهي. سهيل انور سيال چيو ته صدر آصف علي زرداري، فريال ٽالپر ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش سان ٻنهي ڌرين وچ ۾ ٺاهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڳالهيون جاري آهن ۽ ڪوشش آهي ته جکراڻي پاڙن جون غلط فهميون ختم ڪري کين ٺاهه تي راضي ڪيو وڃي. ٻئي پاسي جکراڻي پاڙن جي فيصلي جي ڪارروائي به جاري رهي. جنهن دوران خالد جکراڻي واري ڌر جو موقف به ٻڌو ويو

### بقايا عوامي سوچ 01

هڪ اهم ڪانفرنس خير محمد برڙو جي صدارت هيٺ مسلم ڪالوني جيڪب آباد ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ جي يو آءِ upسنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري، نامياري مبلغ مولانا اسدالله حيدري، مولانا صبغت الله جوگي، مولانا سليم الله بروهي، محمد عڪاشه سنڌي، عبدالنبي برڙو، مولانا شاهنواز رحماني، محڪم الدين بروهي، عبدالستار بروهي، مولانا غلام قادر بروهي، عرض محمد برڙو، نويد احمد تفهيم خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته موجوده دور ۾ انسانيت جي خدمت، اخلاقي قدرن جي بحالي ۽ معاشري ۾ محبت، پائيچاري، رواداري ۽ برداشت کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هنن چيو ته معاشري ۾ وڌندڙ اخلاقي بگاڙ، عدم برداشت، نفرت، تعصب ۽ سماجي ناانصافين جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون، ڇاڪاڻ ته هڪ پرامن ۽ مثالي معاشري جي قيام لاءِ هر فرد کي پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪرڻ، ٻين جي حقن جو احترام ڪرڻ ۽ انسانيت جي خدمت کي پنهنجو فرض سمجهڻ گهرجي. عالمن چيو ته اسلام انسانيت جي احترام، امن، محبت پائيچاري ۽ مظلومن جي مدد جو درس ڏئي ٿو هنن چيو ته نوجوان نسل ڪنهن به قوم جو قيمتي اثاثو هوندو آهي، ان ڪري نوجوانن جي صحيح ديني ۽ اخلاقي تربيت، تعليم جي واڌاري ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ گهرجي، جيئن ڪين بهتر مستقبل لاءِ تيار ڪري سگهجي. اڳواڻن چيو ته معاشري جي اصلاح لاءِ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ، سماجي ناانصافين خلاف آواز اٿارڻ ۽ هر سطح تي انسانيت جي خدمت کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي. هنن زور پريو ته جيڪڏهن معاشري جا سڀئي طبقا گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪن ته نفرتن جي خاتمي، محبت ۽ پائيچاري جي واڌاري ۽ هڪ بهتر، پرامن ۽ مثالي معاشري جي قيام جو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو.

### بقايا عوامي سوچ 02

قتل ڪيس ۾ جوابدارن جا نالا شامل ڪرائڻ لاءِ پنهنجي وڪيل ايڊووڪيٽ امداد علي جمالي معرفت جيڪب آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ اهڙي درخواست داخل

### بقايا عوامي سوچ 03

جي شروع ٿيڻ بعد هڪ طرف پورهيت طبقو ٺٽي جي مارڪيٽ مان بيروزگار ٿي ويندو ته ٻئي طرف هن مڇي مارڪيٽ ۾ ايندڙ مڇي جي وڪري تي پڻ ڪافي اثر پوندا، جنهن ڪري مڇي جا واپاري توڙي پورهيت پڻ سخت پريشان آهن. پورهيتن پاران 5 نومبر تي نئين ٺهندڙ مڇي مارڪيٽ جي سامهون مين روڊ تي نئين ٺهندڙ مڇي مارڪيٽ خلاف احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هن کان اڳ عبدالله آدم گندرو پاران پڻ هاءِ ڪورٽ سنڌ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي نئين ٺهندڙ مڇي مارڪيٽ کي بند ڪرائي پورهيتن جو روزگار بچائڻ لاءِ اسٽي آرڊر وٺڻ جون ڪوششون پڻ جاري ڪري ڇڏيون آهن. جيڪو اسٽي آرڊر اجان تائين ملي ناهي سگهيو ان سلسلي ۾ هاءِ ڪورٽ سنڌ ڪراچي ۾ مڪلي لڳ درگاهه پير محمد علي شاهه پرسان قائم ٿيندڙ نئين شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ خلاف اسٽي آرڊر حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيندڙ درخواست گذار جماعت اسلامي ٺٽي جي امير عبدالله آدم گندرو چيو آهي ته ٺٽي شهر ۾ اڳ ئي قانوني طور هڪ مڇي مارڪيٽ موجود آهي، ان هوندي به مڪلي لڳ درگاهه پير محمد علي شاهه سامهون شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ جوڙائي ويئي آهي، جيڪا غير قانوني آهي، عبدالله آدم گندرو انڪشاف ڪندي چيو ته مذڪور مڇي مارڪيٽ جي ڪنهن به ڪاتي کان ڪابه NOCناهي ورتل، جيڪا غير قانوني طور قائم ڪئي ويئي آهي، جنهن جو افتتاح 5 نومبر تي ڪيو پيو وڃي، جنهن ڏيهاڙي تي ٺٽي جي مڇي مارڪيٽ جا پورهيت امڪاني بيروزگاري جي ڊپ کان مڇي مارڪيٽ سامهون مڪلي/ ڪراچي قومي شاهراه تي ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪندا، هن چيو ته اسان ٺٽي شهر جي رهواسي مڇي جي واپارين توڙي پڙي وارن کي ٻئي ڪابه مڇي مارڪيٽ قبول ناهي، هن چيو ته مڪلي تي قائم ان غير قانوني مڇي مارڪيٽ خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اسٽي آرڊر حاصل ڪرڻ لاءِ پٽيشن داخل ڪرائي اهي، پر اجان تائين اسٽي آرڊر ملي ناهي سگهيو جيڪو انشا الله تعاليٰ جلد ملي ويندو. هن ضلعي انتظاميه ٺٽو سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته مڪلي تي نئين ٺهندڙ غيرقانوني مڇي مارڪيٽ کي بند ڪرائي ٺٽي شهر واري مڇي مارڪيٽ جي پورهيتن کي امڪاني بيروزگاري کان بچائي نئين ٺهندڙ مڇي مارڪيٽ جي ڪاغذن توڙي مختلف ڪاتن جي اجازت نامن جو جاچ ڪري وٺي پورهيتن سان انصاف ڪيو وڃي. هن چيو ته ضلعي انتظاميه ٺٽو پاران غير قانوني قبضن توڙي حددخلين کي هٽائڻ لاءِ ڪاروايون ته تيزي سان جاري آهن، پر ضلعي انتظاميه ٺٽو کي مڪلي پرسان ٺهندڙ اها غيرقانوني مڇي مارڪيٽ نظر نٿي اچي، جنهن خلاف هوءَ قانوني ڪاروائي ڪري سگهي. شهرين پڻ مطالبو ڪيو اهي ته هن معاملي تي سنجيدگي سان غور ويچار ڪري پورهيتن جو روزگار بچائي کين هن مهنگائي واري دور ۾ پريشاني توڙي فاقه ڪشي کان بچايو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 04

لنڪ روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڪنب واسي گل حسن لهراڻي ٽڏي تي فوت ۽ عاطف ۽ شاڪر منگي سخت زخمي ٿي پيا فقيرآباد: حادثي جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ۽ زخمين کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو

### بقايا عوامي سوچ 05

تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سندس وارثن سان تعزيت ۽ ڏک ونڊيندي چيو آهي ته ڊاڪٽر الطاف خواجه جو وڇوڙو پارٽي ۽ سندس خاندان لاءِ وڏو صدمو آهي. هنن ڏکويل خاندان سان همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ هوءَ وارثن سان سندن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن. الله پاڪ مرحوم ڊاڪٽر الطاف خواجه جي مغفرت فرمائي، کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ سندس وارثن، عزيزن ۽ دوستن کي هي وڏو صدمو برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

### بقايا عوامي سوچ 06

اٿون سردار شاهه رخ انور خان سيال يوسي هڪ دڙي ٽائون جي جامع مسجد غريب مقام ۾ سولر سسٽم پلانٽ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي چيئرمين دڙي ٽائون شاهه رخ انور سيال چيو ته جامع مسجد ۾ سولر سسٽم پلانٽ لڳائڻ جو مقصد نمازين ۽ ديني تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن کي بجليءَ جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن مسجد ۾ عبادتن ۽ ديني تعليم جو سلسلو بهتر نموني جاري رهي سگهي. ان موقعي تي علائقي واسين مسجد لاءِ سولر سسٽم پلانٽ فراهم ڪرڻ تي شاهه رخ انور خان سيال جا ٿورا مڃيا ۽ ان قدم کي عوامي خدمت ۽ ديني ادارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ مثبت قدم قرار ڏنو

### بقايا عوامي سوچ 07

تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته ڏانو ڏانڌل جو واقعو انتهائي ڏک ڏائڪ ۽ افسوس ناڪ آهي ٿرجي تاريخ جو تمام وڏو سانحو آهي هن چيو ته ايڏي وڏي سانحي جا ذميوار پي پي ايڇ آءِ ۽ صحت کاتي جا عملدار آهن انهي کي ڪنهن به صورت ۾ واقعي کان آجو قرار نه ٿو ڏئي سگهجي هن چيو ته بي ايڇ يو ڏانو ڏانڌل جي انچارج پي پي ايڇ آءِ جي ضلعي مينيجر، ڊي ايڇ او ٿرپارڪر ۽ سي اي او پي پي ايڇ آءِ کي جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي

۽ فوتين جي وارثن جي مرضي موجب انهن مٿان ڪيس داخل ڪيو وڃي آن موقعي تي عبدالسلام لنڊ عبدالعزيز لنڊ انيل مالهي پورالال مالهي ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا

### بقايا عوامي سوچ 08

نياٽي ملاح ۽ ٻين چيو ته هو گذريل 30 سالن کان ڪٽ ٻيلي ۾ رهائش پذير آهن. جڏهن ته سندن گذر سفر جو واحد ذريعو مڇي مارڻ جو ڪم آهي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته هو غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهن. جيڪي وڏي عرصي کان پنهنجي خاندانن سميت هتي رهائش اختيار ڪري زندگي گذاري رهيا آهن. پر هاڻي ڪجهه بااثر زميندار کين مبينا طور تي رهائش تان لڏائڻ چاهين ٿا، جنهن سبب هو سخت پريشاني ۽ بيچيني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. هنن چيو ته جيڪڏهن کين ڪچي واري علائقي ۾ رهڻ نه ڏنو ويو ته هو پنهنجن ٻچن سميت ڪيڏانهن ويندا؟ غريب ماڻهن کي پڪي آبادي ۾ ڪير جاءِ ڏيندو جتي هو پنهنجي خاندانن سميت پناهه وٺي سگهن؟ هنن وڌيڪ چيو ته محدود وسيلن ۽ روزاني مزدوري تي گذر سفر ڪندڙ ملاح برادري لاءِ پنهنجا گهر ڇڏي ٻئي هنڌ وڃي رهڻ انتهائي ڏکيو آهي. ملاح برادري جي مردن ۽ عورتن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندن صورتحال جو نوٽيس وٺي معاملي جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ کين مبينا طور تي بي دخل ڪرڻ کان بچائي سندن رهائش ۽ روزگار جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي، جيئن هو پنهنجن ٻچن ٻارن سميت امن ۽ سڪون سان زندگي گذاري سگهن

### بقايا عوامي سوچ 09

۾ 10 قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي کين تمام گهڻو ڏک پهتو آهي. هن چيو ته هي هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي خاندان پنهنجن پيارن کان محروم ٿي ويا آهن، جاويد جبار وڌيڪ چيو ته هو سانحي ۾ فوت ٿيل سمورن ماڻهن جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ ڏکويل خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪن ٿا. هن چيو ته اهڙن حادثن ۾ انساني جانين جو ضايع ٿيڻ انتهائي ڏکوئيندڙ آهي، جڏهن ته متاثر خاندانن جي تڪليف ۽ ڏک کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي، ٻانهن ٻيلي تنظيم جي باني صدر ۽ اڳوٽي سينيٽر جاويد جبار سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڏانو ڏانڌل سانحي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي، واقعي جا ذميوار مقرر ڪيا وڃن ۽ غفلت يا لاپرواهي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ذميوارن خلاف اثرائتا قدم کڻڻ ضروري آهن، جيئن مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن کي روڪي سگهجي ۽ صحت مرڪزن ۾ مريضن توڙي عملي جي حفاظت کي يقيني بڻائي سگهجي، هن زور پريو ته حڪومت واقعي جي حقيقتن کي سامهون آڻي، ذميوارن جو تعين ڪري ۽ اهڙا انتظام ڪري، جيئن مستقبل ۾ انساني جانين جي تحفظ لاءِ اهڙن حادثن کان بچي سگهجي.

### بقايا عوامي سوچ 10

۾ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي ايم پي اي شاهه حسين شاهه شيرازي پ پ اڳواڻ ارباب رميز ميمڻ جسقم چيئرمين اسلم خيرپوري پ پ اڳواڻ لطيف ميمڻ چيئرمين آفتاب شاهه شيرازي ڊاڪٽر اقبال ميمڻ بار اڳواڻ لياقت علي جماري قادر خاصخيلي مير جماري آفتاب پنهور واپاري اڳواڻ حافظ رياض ميمڻ سيٺ پوڙهو ميمڻ اڳوٽون ايم پي اي چيتن مل وڏيرو محمد ٻارڻ ٽي اي او نياز شاهه ميڊيڪل سپريڊنٽ ڊاڪٽر انور ميمڻ پريس ڪلب سجاول جو جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ غفور پليپوٽو منظور ميمڻ ملڪ صديق ملاح تعليم کاتي جو ڊي اي او اعظم عمراڻي حاجي مظفر لغاري سميت سياسي سماجي شهرين واپاري صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخري رسمون بخاري قبرستان ۾ ادا ڪيون

### بقايا عوامي سوچ 11

سخت پريشان ڏانو ڏانڌل اسپتال ۾ ايمبولينس اندر آڪسيجن سلينڊر ڌماڪي واري افسوسناڪ سانحي کي 3 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود واقعي جي جاچ مڪمل نه ٿي سگهي، جڏهن ته سانحي ڪانپوءِ اسپتال جي او پي ڊي سروس مڪمل طور بند پيل آهي. اسپتال ۾ علاج جون سهولتون بند هجڻ سبب علائقي جا مريض ۽ سندن وارث سخت پريشان آهن. مريضن کي علاج لاءِ اسلام ڪوٽ ۽ مٺي جي اسپتالن ڏانهن ڪٺي وڃڻ تي مجبور ٿيڻو پئجي رهيو آهي. عوام پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته سانحي جي شفاف ۽ مڪمل جاچ ڪرائي ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي، جڏهن ته ڏانو ڏانڌل اسپتال جي او پي ڊي سروس فوري طور بحال ڪري علائقي واسين کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن

### بقايا عوامي سوچ 12

اسڪول ويرهاڙ پهرين پوزيشن ماڻي ورتي. ٿرپارڪر جي تعلقي ننگرپارڪر ۾ ٿر ايجوڪيشن الائنس، حبيب بئنڪ فائونڊيشن ۽ تعليم کاتي جي سهڪار سان پهريون پيرو هڪ ڏينهن وارو گرلز اسٽيم فيسٽيول ڊگري ڪاليج ننگرپارڪر جي احاطي ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي قاسم سراج سومرو ڪيو. ان موقعي تي پيپلز پارٽي جي اڳوٽي سينيٽر ڪرشنا ڪولهي، صوبائي صلاحڪار ويرجي ڪولهي، پرتاب شيواڻي، ذڪي احمد شيخ، ڪملا پيل، مصطفي بلوچ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ننگرپارڪر گرلز اسٽيم فيسٽيول ۾ 13 گرلز هاءِ اسڪولن، ڊگري ڪاليج ننگرپارڪر ۽ تعلقي جي گرلز مڊل اسڪولن جي سوين شاگرديائين شرڪت ڪئي، جتي شاگرديائين پاران تيار ڪيل سائنسي ماڊلز ۽ تخليقي منصوبن جي نمائش ڪئي وئي. افتتاحي تقريب ۾ اڳوٽي سينيٽر ڪرشنا ڪماري ڪولهي، ٿر ايجوڪيشن الائنس جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر پرتاب شيواڻي، صوبائي صلاحڪار ويرجي ڪولهي، وائيس چيئرپرسن ڪملا پيل، مينا گبينا، ڊاڪٽر سورٺ سنڌو، فرهاد جراڙ، ذڪي احمد شيخ، ارم ڪريم ناريجو، رافع سلام، تعلقي انتظاميا ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن سميت ٻين مهمانن شرڪت ڪري مهمانن مختلف اسٽالن جو دورو ڪري شاگرديائين کان سندن ماڊلز بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. فيسٽيول دوران شاگرديائين سائنس، ٽيڪنالاجي، انجنيئرنگ، رياضي ۽ آرٽ جي موضوعن تي تيار ڪيل مختلف ماڊلز پيش ڪيا ۽ مهمانن کي پنهنجن منصوبن جي طريقيڪار ۽ افاديت بابت آگاهه ڪيو ان موقعي تي اسٽيم سيشنز پڻ منعقد ڪيا ويا، جن ۾ تعليمي ماهرن، ليڊي ٽيچرز، شاگرديائين ۽ سائنس جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ادارن شرڪت ڪري پنهنجا خيال ونڊيا. سائنسي ماڊلز جي مقابلن ۾ ڏيپلو تعلقي جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ويرهاڙ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي، جڏهن ته گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نارٿ ڪالوني مٺي ٻي ۽ گرلز هاءِ اسڪول مٺي ويسٽ ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. ان موقعي تي ايم پي اي قاسم سراج سومرو خطاب ڪندي چيو ته ٿر ايجوڪيشن الائنس ۽ حبيب بئنڪ فائونڊيشن پاران ننگرپارڪر جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ڇوڪرين لاءِ سائنسي ميلو منعقد ڪرڻ هڪ سٺو قدم آهي، جنهن ۾ ٿرپارڪر جي سمورن تعلقن مان شاگرديائين کي شرڪت جو موقعو فراهم ڪري کين سائنسي تعليم جي ميدان ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايو پيو وڃي. هن چيو ته ننگرپارڪر ۾ ٿر تعليمي ڪانفرنس منعقد ڪرڻ لاءِ به هو ڀرپور سهڪار ڪندو. هن وڌيڪ چيو ته علائقي جي مسئلن، خاص طور پاڻي جي کوٽ ۽ تعليمي سهولتن بابت عوام جو آواز لاڳاپيل ۽ ادارن تائين پهچائڻ ۽ موجود وسيلن کي گڏ ڪري علائقي ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون جاري رهنديون. قاسم سراج سومرو چيو ته کيس جڏهن به ترقياتي وسيلا مليا آهن ته انهن جو وڏو حصو نياڻين جي تعليم ۽ گرلز اسڪولن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ مختص ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن پائيدار ترقي جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته علائقي جي نوجوان سائنسدانن سان صلاح مشورا ڪري ترقي جي پائيدار نظام لاءِ وڌيڪ قدم کنيا ويندا. هن ٻڌايو ته برساتي پاڻي محفوظ ڪرڻ لاءِ هن وقت تائين 56 ننڍا ڊيم تعمير ڪيا ويا آهن. جڏهن ته وڌيڪ پنج کان ڇهه ڊيم تعمير ڪرڻ جو منصوبو پڻ آهي. سندس چوڻ هو ته برساتي پاڻي ذخيرو ڪرڻ سان گڏ قدرتي ماحولياتي نظام ۽ ماحول جو توازن برقرار رکڻ لاءِ مناسب مقدار ۾ پاڻي اڳتي ڇڏڻ به ضروري آهي. قاسم سراج سومرو وڌيڪ چيو ته پاڻي جي دستيابي ۽ چوپائي مال جي بقا کي يقيني بڻايو وڃي ته مقامي خاندان پنهنجن علائقن ۾ آباد رهي سگهندا ۽ ٻارن جي تعليم جو سلسلو به متاثر نه ٿيندو. ان موقعي تي ٿر ايجوڪيشن الائنس جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر پرتاب شيواڻي چيو ته ننگرپارڪر ۾ پهريون پيرو ضلعي جي سمورن تعلقن ڪلوئي، مٺي، ڇاڇرو، اسلام ڪوٽ، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر جي شاگرديائين کي اهو موقعو فراهم ڪيو ويو آهي ته اهي هتي اچي سائنسي سرگرمين ۾ حصو وٺن ۽ هڪ ٻئي جي تعليمي صلاحيتن کان واقف ٿين. هن چيو ته انهن سرگرمين سان گڏ اسٽيم پاليسي جوڙڻ لاءِ پڻ ڪم ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ڇوڪرين جي تعليم ۾ دلچسپي وڌائڻ لاءِ مختلف قدم کنيا پيا وڃن. ان موقعي تي پيپلز پارٽي جي اڳوٽي سينيٽر ڪرشنا ڪولهي، صوبائي معاون ويرجي ڪولهي، اسسٽنٽ ڪمشنر ننگرپارڪر ارم ڪريم ناريجو فرهاد جراڙ، ڊاڪٽر سورٺ سنڌو ۽ ڪملا پيل پڻ ٿر ايجوڪيشن الائنس جي هن قدم کي ساراهيو فيسٽيول دوران پهرين پوزيشن حاصل ڪندڙ اسڪول کي حبيب بئنڪ فائونڊيشن ۽ ٿر ايجوڪيشن الائنس پاران سائنس ليبارٽري ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو جڏهن ته شرڪت ڪندڙ اسڪولن جي شاگرديائين ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون پڻ ورهايون ويون. تقريب ۾ سائنس شو جو پڻ اهتمام ڪيو ويو هو.

### بقايا عوامي سوچ 13

پشن ۽ سندس جي آرٿوپيڊڪ سرجن جي ڊگري ڪوڙي هجڻ خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ڪرپشن جي انتهاء آهي ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي جنهن جي آرٿوپيڊڪ سرجن جي ڊگري ڪوڙي آهي جنهن جا واضع ثبوت موجود آهن ، دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ 28 کان 29 اسپيشلٽ ڊاڪٽر مقرر ٿيل آهن جيڪي سالن کان لاپتا آهن جن جو پگهارون غريب عوام جي ٽيڪسن مان ادا ڪيو وڃن ٿيو ۽ انهن جو پگهارون ڪيترين آهن ڪا خبر ڪونه آهي ، موجوده ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال اندراڇي ڪاري جو مالڪ بڻيل آهي جنهن جا ثبوت هي آهن ته هڪ ڏواچ نوجوان کي 12 اسڪيل جو آرڊر ڏنو وري ان کي پگهار 16 گريڊ جي ڏني وئي ۽ 16 گريڊ واري کي 2 گريڊ يعني نائب قاصد جي ، هن جي ڪرپشن جو داستان وڏيون آهن ، سنڌ حڪومت کان هن اسپتال اندر سولر پينل لڳائڻ لاءِ 90 لک ورتا پر سولر ڪٿي لڳو خبر نه آهي ، سڪر جي ابابيل سيڪيورٽي گارڊ ڪمپني آهي جنهن جا نالي گارڊ اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪري رهيا آهن جن جو معاهدو ٿيل آهي سيڪيورٽي گارڊ اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو رٽائرڊ آرمي ملازم هجي يا جيڪو ڪنهن به ڏوهه ۾ نه هجي پر دادو اسپتال ۾ ايم ايس اهڙا ماڻهون مقرر ڪيا آهن جيڪي سفارشي آهن ، سيڪيورٽي گارڊ ڪمپني موجب گارڊ جي پگهار 50 هزار مقرر ٿيل آهي پر اسپتال ۾ سيڪيورٽي گارڊن کي 22 کان 23 هزار ۽ من پسند گارڊ کي 28 کان 30 هزار پگهار ڏني وڃي ٿي ، موجود ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي کي حيدرآباد جي عدالت ٻيهر مقرر ڪيو آهي ان عدالتي حڪم کي تسليم ڪيو ٿا ، هي هر ڪنهن جي توهين ڪندي ان کي جاهل چوي ٿو هاڻ چوي ٿو ته نيب ، اينٽي ڪرپشن ، هيلٿ ڪيئر ڪيمشن مونکي ڇا ڪنديون هي ايڏو طاقتور بڻجي ويو آهي جو رياست جي ادارن کي چيلنج پيو ڪري ، هن پي ايم ڊي سي جي لکت ۾ ڏنو آهي ته هن ڪڏهن پاڻ کي آرٿوپيڊڪ سرجن نه سڏايو نه وري ڪٿي ڪلينڪ هلائيندو آهي ، پران جا سڀ ثبوت موجود آهن ته هن جي سرڪاري آفيس ۾ آفيسر جي بورڊ تي سندس نالي سان آرٿوپيڊڪ سرجن ۽ دادو شهر جي دائيو واري علائقي ۾ سندس گهر جي پاسي ۾ ڪلينڪ کليل آهي جنهن جا هر ثبوت موجود آهن ، هي 5 سالن جي ڊگري 4 سال ۾ ڪري ٿو ، هاڻ وري هن دادو اي سيڪشن ٿاڻي تي هڪ اين سي رپورٽ داخل ڪرائي آهي ته سندس آرٿوپيڊڪ جو سرٽيفڪيٽ گم ٿي ويو آهي. هاڻ ڊگري مان سڌو سرٽيفڪيٽ تي پهتو آهي . پريس ڪانفرنس ڪندڙ سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي وزيرصحت ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ڪرپٽ ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي خلاف سخت کان قانوني ڪاروائي ڪري لکين انساني زندگي سان ڪوڙي ڊگري ڏيکاري راند ڪندڙ کي گرفتار ڪري سندس جي ڪرپشن جي جانچ ڪرائي وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 14

عبدالرزاق ملاح ۽ سندس خاندان پاران نيشنل پريس ڪلب بدين (N.P.C)۾ پريس ڪانفرنس ڪئي وئي. پريس ڪانفرنس ۾ خطاب ڪندي عبدالرزاق ملاح چيو ته اسان غريب ماهيگير آهيون. اسان جو گذر سفر نريڙي ڍنڍ جي مڇي تي آهي. مخالف ڌر منن ملاح ، عمر ملاح، حنيف ملاح پاران اسان کي مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي، اسان تي ڪوڙا الزام هنيا پيا وڃن ۽ اسان جو روزگار بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته اسان ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل ادارن کي درخواستون ڏنيون آهن پر ڪو به تدارڪ نه ٿيو. اسان کي فائرنگ ڪري ڊيڄاريو ويو آهي ۽ اسان جي عورتن کي به هراسان ڪيو پيو وڃي. ماهرگيرن مطالبو ڪيو ته وزير اعليٰ سنڌ. آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي. جيڪڏهن انصاف نه مليو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

### بقايا عوامي سوچ 15

ردگي تي سوال اٿي رهيا آهن. مقامي سطح تي انهن مبينا مني گٽن جي هلڻ ۽ ڊورونارو پوليس جي مبينا سرپرستيءَ بابت پڻ سوال ڪيا پيا وڃن. شهرين ۽ علائقي واسين پاران مطالبو ڪيو پيو وڃي ته شراب جي مبينا غيرقانوني وڪري جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قدم کنيا وڃن. ان سلسلي ۾ ايس ايس پي عمرڪوٽ کان سوال اٿاريو پيو وڃي ته منشيات جي خاتمي بابت ڪيل دعوائن باوجود ڊورونارو ۾ مبينا طور شراب جا مني گٽا هلڻ وارين شڪايتن تي ڪارروائي ڪڏهن ٿيندي علائقي واسين ۽ سماجي حلقن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، شڪايتون ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ملوث ماڻهن ۽ ڪنهن به سهولتڪار خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري علائقي کي هن آزار کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. واضح رهي ته پوليس جي مبينا سرپرستيءَ بابت الزامن جي آزاداڻي تصديق ٿيڻ ۽ لاڳاپيل پوليس موقف سامهون اچڻ ضروري آهي

### بقايا عوامي سوچ 16

ن کي اعزازي شيلڊون پيش نوجوان معاشري ۾ مثبت تبديلي آڻڻ جي وڏي سگهه رکن ٿا، کين مناسب موقعا ۽ پليٽ فارم فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: تقريب کي خطاب ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز حڪومت سنڌ جي سهڪار سان يوٿ ڊولپمينٽ سينٽر (YDC)هالا متياري ۾ "يوٿ ڪنيڪٽ: بااختياري، جدت ۽ خدمتن جو اعتراف" جي عنوان هيٺ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي متياري جي مختلف شعبن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندڙ 10 باصلاحيت نوجوانن کي اعزازي شيلڊون پيش ڪيون ويون. تقريب جو بنيادي مقصد نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ، تخليقي سرگرمين ۽ جدت کي هٿي ونرائڻ، نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سماجي ترقي ۾ سندن مثبت ڪردار کي مڃتا ڏيڻ هو. تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ قومي تراني سان ڪئي وئي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز رضوان علي ملاح مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ، کين بااختيار بڻائڻ ۽ سماجي سرگرمين ۾ سندن ڀرپور شرڪت يقيني بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. تقريب دوران منعقد ڪيل پينل ڊسڪشن ۾ متياري شگر ملز جي جنرل مئنيجر سيد اڪبر جنيد شاهه، اڏار فائونڊيشن جي نمائندي ناياب علي ارباب، متياري يونين آف جرنلسٽس ورڪرز جي صدر عبدالغفور عرف ادا پائو ميمڻ، نيشنل پريس ڪلب هالا جي صدر نثار لغاري ۽ جنرل سيڪريٽري خدا ڏنو لاکو خصوصي شرڪت ڪئي، جڏهن ته صحافي امتياز علي چنڊ پينل ڊسڪشن جي ميزباني ڪئي. ان موقعي تي نوجوانن جي ترقي، قيادت، جدت ۽ نوجوانن لاءِ بهتر موقعا پيدا ڪرڻ ۾ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن جي ڪردار بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ارم جلال پٽي خطاب ڪندي سماجي ڀلائي جي منصوبن ۽ ڪميونٽي جي ترقي ۾ نوجوانن جي ڪردار کي اهم قرار ڏنو جڏهن ته سيف هائوسز جي انچارج مهرالنساءِ ملاح معاشري جي ڪمزور طبقن کي تحفظ ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. تقريب جي اهم حصي ۾ مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ضلعي متياري جي 10 نوجوانن کي اعزازي شيلڊون ڏنيون ويون. اعزاز حاصل ڪندڙن ۾ صحافت ذريعي تعليم، صحت ۽ بنيادي عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ تي علي حيدر مير، مصنوعي ذهانت (AI) ذريعي سنڌي ٻولي جي ڊبنگ جو نظام تيار ڪرڻ تي فهد مقصود قاضي، ادب، شاعري، ڪالم نگاري ۽ تحقيق جي ميدان ۾ خدمتن تي آمنه بتول، نوجوانن ۾ آگاهي، ڪيريئر ڪائونسلنگ ۽ آن لائن ڪورسز جي واڌاري تي محمد حسين شامل هئا. اهڙيءَ ريت سماجي شموليت ۽ خاص ماڻهن لاءِ خدمتون سرانجام ڏيڻ تي طارق سيال، تعليم ۽ ڪميونٽي ڊولپمينٽ تي پرتاب ڪمار، تعليم ۽ ٻارن جي حقن بابت آگاهي ڏيڻ تي منهل ۽ دانش خاصخيلي، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ ٽيڪنيڪل تعليم جي فروغ تي فضه ملاح، جڏهن ته سنڌي ثقافت ۽ فن ذريعي سماجي پيغام عام ڪرڻ تي معشوق علي منگنيجو کي پڻ اعزازي شيلڊون ڏنيون ويون. تقريب جي پڇاڙي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز معيز حسين سومرو شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيندي چيو ته نوجوان معاشري ۾ مثبت تبديلي آڻڻ جي وڏي سگهه رکن ٿا. هن نوجوانن جي حوصلا افزائي، سندن صلاحيتن جي مڃتا ۽ کين ترقياتي سرگرمين ۾ ڀرپور موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. تقريب ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته نوجوانن کي مناسب پليٽ فارم ۽ موقعا فراهم ڪري کين معاشري جي ترقي، خوشحالي ۽ مثبت تبديليءَ جو اهم حصو بڻائي سگهجي ٿو

### بقايا عوامي سوچ 17

ورتي، ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ٽيون چائنيز سنگنگ مقابلي 2026 جي رنگارنگ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جو خاص مهمان ڪموڊور فيصل اقبال قاضي، ستاره امتياز (ملٽري)، ڪمانڊنٽ ۽ پرنسپال ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو هو تقريب ۾ اعزازي مهمانن طور پروفيسر ڊاڪٽر سيد اقليم حيدر، مسٽر فواد شيخ، مهراڻ يونيورسٽي جو پروفيسر شيراز احمد ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر حيات گرلز اسڪول اينڊ ڪاليج حيدرآباد شرڪت ڪئي، مقابلي ۾ پهرين پوزيشن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي ڪيڊٽ معتمد ۽ ڪيڊٽ نوفل الدين گڏيل طور حاصل ڪئي، جڏهن ته ٻي پوزيشن اقرا (مهراڻ يونيورسٽي)، ڪيڊٽ محمد معاذ (ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ) ۽ ڪيڊٽ حسن (ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو) حاصل ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي ڪموڊور فيصل اقبال قاضي چيو ته چيني ٻولي سکڻ ۽ چيني ثقافت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ موجوده دور جي اهم ضرورت آهي. اهڙا مقابلا شاگردن ۾ خود اعتمادي، تخليقي صلاحيتن ۽ پنهنجي خيالن جي اظهار کي هٿي ڏيڻ سان گڏ مختلف قومن وچ ۾ دوستي، باهمي احترام ۽ ثقافتي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن شاگردن تي زور پريو ته هو محنت ۽ لگن سان پنهنجي صلاحيتن کي وڌيڪ اجاگر ڪن ۽ تعليم سان گڏ غير نصابي سرگرمين ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺن. تقريب ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ قائم ڪنفيوشس ڪلاس روم جو چيني ڊائريڪٽر پروفيسر شاؤين، پاڪستاني ڊائريڪٽر پروفيسر باسط محي الدين ۽ چيني ٻوليءَ جا استاد عبدالوحيد ميمڻ، محمد جنيد، محمد برهان خان، اختيار علي ۽ شازيب سميت ڪيڊٽس، شاگردن ۽ شاگرديائين شرڪت ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 18

ڪلز سبب رهواسي سهڪي ۽ ٻين ساهه جي بيمارين ۾ ورنجي ويا، شهرين جو احتجاج، ڊپٽي نوشهروفيروز کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ٺاروشاهه شهر جي وچ آبادي ۾ ٻاءِ پاس روڊ تي قائم ميندي جي ڪارخانن مان نڪرندڙ دز، مٽي ۽ مبينا زهريلي ڪيميڪلز شهرين لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻجي ويا آهن ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ آلودگي سبب علائقي جا رهواسي سخت متاثر ٿي رهيا آهن جڏهن ته ڪيترائي شهري دم، سهڪي، ڦڦڙن ۽ ٻين ساهه جي بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن رهواسين مشتاق ڪلهوڙو، ڪريم ڏنو سولنگي، اياز سولنگي، غلام قادر سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو ته آبادي جي وچ ۾ ڪارخانن جي موجودگي ۽ انهن مان نڪرندڙ دونهين، دز ۽ ڪيميڪل واري آلودگي سبب روزمره جي زندگي عذاب بڻجي وئي آهي خاص طور تي ٻار، بزرگ ۽ بيمار ماڻهو وڌيڪ پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته غير قانوني ڪارخانن ۾ زهريلي ڪيميڪل جي استعمال سبب دز مٽي ۽ ٻيا خطرناڪ مادا خارج ٿيڻ سبب ساهه جي بيمارين ۾ ورنجي ويا آهيون پر ڪير به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي علائقي واسين ماحوليات کاتي جي سيڪريٽري، ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ميندي جا ڪارخانا وچ آبادي مان ٻاهر ڪيڏرائي رهواسين کي بيمارين کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيا ويندا.

### بقايا عوامي سوچ 19

قمبر ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، هڪ مهيني اندر 160 کان وڌيڪ شهري ڳوناٽا جن ۾ ننڍا ٻار به شامل آهن ڪتن ڏاڙهي وڌا 160 کان وڌيڪ ڪيس سامهون اچڻ باوجود رولو ڪتن جي آزار جي خبر هوندي به انتظاميه جي ڪن تي جونءِ به چري شهر جي گهٽين، پاڙن ۽ رستن تي رولو ڪتن جي موجودگي سبب شهري توڙي ڳوناٽا اسڪول ويندڙ ٻارن لاءِ پريشاني جو سبب بڻجي ويا جنهن ڪري والدين ٻارن جي حفاظت بابت ڳڻتي ۾ مبتلا ٿي ويا شهرين پاران آواره ڪتن جي خاتمي لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ جو مطالبي سان گڏ لاڳاپيل انتظاميا کان ڪتن جي ڏاڙهڻ وارن واقعن جي روڪٿام لاءِ فوري ۽ اثرائتي حڪمت عملي جوڙڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو ڪتن جي ڏاڙهيل مريضن جي حوالي سان ڊي ايڇ ڪيو قمبر جي ايم ايس ڊاڪٽر ابرار احمد تنيو ٻڌايو ته سپني مريضن کي بروقت ٿي فرسٽ ايڊ ڏيئي انهن کي فورن ويڪسين لڳايا ويا.

### بقايا عوامي سوچ 20

وئي، جنهن ۾ ڳوٺ راول ڪندرا سميت آسپاس جي ڳوٺن مان وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. تقريب جي منتظم وزير جان ڪندرا، شير ڪندرا ۽ جمن ڪندرا ۽ ٻين آيل مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا ۽ آيل مهمانن کي اجرڪون ۽ لنگيون اوڍايون. تقريب کي خطاب ڪندي عبداللطيف ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه غريبن ۽ مسڪينن جي ڳالهه ڪئي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي سياسي شعور ڏنو. هن چيو ته هو عوام جي خدمت ڪندا. پيپلز پارٽي بينظير ڪارڊ ذريعي غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي آهي. ڊاڪٽر اقبال ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي ۽ راول ڪندرا جي ماڻهن هميشه پيپلز پارٽي جي حمايت ڪئي آهي. هن چيو ته هنن به سدائين ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي ۽ عوام سان محبت جو رشتو هميشه قائم رهندو. تقريب ۾ شاهزيب شاهه بخاري، عاطف اقبال ميمڻ، شفيع لغاري ۽ ٻين اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 21

بدامني جي باهه ڀڙڪي اٿي، هڪ ئي رات ۾ ٺٽون ڳوٺ پناٽو ۾ چورن ڌاڙيلن ٻن دوڪانن کي نشانو بڻائي لکين روپين جي سامان جو ڌاڙو هڻي ويا، جڏهن ته اڳڙا پوليس مبينا طور ڪا به ڪارروائي نه ڪئي. تفصيل موجب، ٺٽون ڳوٺ پناٽو ۾ نامعلوم ڌاڙيلن تنوير تنيو جي ڪرياني اسٽور جا تالا ٽوڙي فرج، اسٽيبلائيزر، انورٽر، وزن وارين تارازين، ڪمپيوٽرائيزڊ ڪانٽو پنجاهه هزار روپين جا هار ۽ ٻيو قيمتي سامان ٽريڪٽر ٽرالي ۾ وجهي کڻي ويا. متاثر دڪاندار تنوير تنيو ٻڌايو ته سندس تقريبن 15 لک روپين جو نقصان ٿيو آهي. هن چيو ته هو مسڪين ۽ ٻچڙيوال آهي، سندس گذر سفر جو واحد ذريعو اهو دڪان آهي. جيڪو ڌاڙيلن ڦري کيس سخت معاشي نقصان پهچايو آهي. ٻئي طرف ساڳي رات ۾ پرويز احمد شيخ جي ڪڪڙن جي دوڪان تي پڻ ڌاڙو هنيو ويو، جتان ڌاڙيل دوڪان جو تالو ٽوڙي تقريبن ٻه مڻ ديسي ڪڪڙ جن جي ماليت 80 کان 90 هزار روپيا ٻڌائي پئي وڃي، ٽريڪٽر ٽرالي ۾ وجهي فرار ٿي ويا. واقعي خلاف تنوير تنيو پرويز شيخ، علي گوهر کهڙو، اظفر علي کهڙو، پچل تنيو، جاويد چنو، قربان تنيو، صدام ڪلهوڙو، منير ملاح ۽ ٻين متاثرن ۽ شهرين احتجاج ڪندي اڳڙا پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي. احتجاج ڪندڙن چيو ته اطلاع ڏيڻ باوجود ايس ايڇ او اڳڙا جهانگير چانڊيو واقعي واري هنڌ نه پهتو جنهن سبب علائقي ۾ پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿي رهيا آهن. متاثرن ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي. هوڏانهن متاثرن تنوير تنيو ۽ پرويز شيخ خبردار ڪيو ته جيڪڏهن کين انصاف نه مليو ته هو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ تي مجبور ٿيندا. جنهن جي ذميواري لاڳاپيل پوليس انتظاميا تي هوندي

### بقايا عوامي سوچ 22

مدرسه دارالفيوض قاسمي سجاول ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ جي يو آئي جي صوبائي نائب امير مولانا محمد صالح الحداد، ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي، ايم پي اي شاهه حسين شاهه شيرازي، پ پ پ سجاول جي سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ، ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، ارباب رميز ميمڻ، جيئي سنڌ آريسر گروپ جي چيئرمين اسلم خيرپوري، سيد شاهزيب شاهه بخاري سميت ٻين سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن، واپارين، صحافين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته اسماعيل شاهه بخاري قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي.

### بقايا عوامي سوچ 23

ڙي جو صدمو برداشت نه ڪندي فوت، ڪيترائي زخمي، علائقي ۾ خوف ۽ ڇڪتاڻ پکڙيل جامشورو ۾ برفت ۽ باريجا برادري وچ ۾ هلندڙ پراڻو خانداني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر شدت اختيار ڪري ويو جنهن سبب علائقي ۾ ڏک، خوف ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. سيشن ڪورٽ جامشورو ۾ ٻنهي ڌرين وچ ۾ جهيڙي ڪانپوءِ هٿياربند فائرنگ جي واقعي ۾ برفت برادري جو نوجوان دلشير عرف دلو برفت قتل ٿي ويو. جڏهن ته سندس امڙ پٽ جي قتل جو صدمو برداشت نه ڪندي فوت ٿي وئي. واقعي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع پڻ آهن. سيشن ڪورٽ ۾ حاضري دوران جهيڙو تفصيل موجب اڄ صبح سيشن ڪورٽ جامشورو ۾ پراڻي ڪيس جي سلسلي ۾ حاضري تي آيل برفت برادري جي ماڻهن ۽ صحافي عظيم باريجو وچ ۾ منهن ماري بعد جهيڙو ٿي پيو. جهيڙي دوران صحافي عظيم باريجو سميت برفت برادري جا ڪجهه ماڻهو زخمي ٿي پيا، جنهن بعد ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌيڪ وڌي وئي. ڪورٽ جي جهيڙي بعد فائرنگ، نوجوان حياتي وڃائي وينو سيشن ڪورٽ ۾ پيش آيل واقعي ڪانپوءِ برفت ۽ باريجا برادري وچ ۾ تڪرار وڌيڪ ڀڙڪي پيو ۽ هٿياربند فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان دلشير عرف دلو برفت قتل ٿي ويو. واقعي ڪانپوءِ مقتول جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وارثن ۽ علائقي واسين ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر پکڙجي وئي. پٽ جي قتل جو صدمو امڙ به دم ڏئي وئي واقعي جو سڀ کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ پهلو اهو سامهون آيو آهي ته نوجوان دلشير عرف دلو برفت جي قتل جو اطلاع ملڻ بعد سندس امڙ صد

### بقايا عوامي سوچ 24

و آهي. ان سلسلي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ميرپورخاص فيصل علي سومرو جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ اهم گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ انساني حقن جي تحفظ ۽ خلاف ورزين جي روڪٿام بابت مختلف تجويزن تي غور ڪيو ويو. گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتال، سول اسپتال، خانگي ميڊيڪل ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ شڪايت باڪس لڳايا ويندا، جتي انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت شڪايتون داخل ڪري سگهبيون. ان مقصد لاءِ جوڙيل ڪميٽي لاڳاپيل ادارن، جن ۾ اسپتالون، سوئيٽ هوم، خانگي ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسڪول شامل آهن، جا دورا ڪري صورتحال جو جائزو وٺندي ۽ وصول ٿيندڙ شڪايتن جي حل لاءِ ضروري اپاءَ تجويز ڪندي. گڏجاڻي ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته پوليس کاتو انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت مليل شڪايتن جا تفصيل ڪميٽي کي فراهم ڪندو، جنهن جي روشني ۾ اثرائتي حڪمت عملي جوڙي ويندي. جڏهن ته انساني حقن جي اهميت، بنيادي حقن جي پاسداري ۽ ڀڃڪڙين جي روڪٿام بابت اسڪولن، ڪاليجن ۽ لوڪل ڪائونسلن جي سطح تي آگاهي پروگرام پڻ منعقد ڪيا ويندا. ان کان علاوه سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن کي خط لکي ميرپورخاص ضلعي ۾ قائم خانگي طبي مرڪزن ۽ اسپتالن جا تفصيل طلب ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو، جيئن لاڳاپيل ادارن سان رابطن ۽ هم آهنگي کي بهتر بڻائي انساني حقن جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کڻي سگهجن. گڏجاڻي ۾ ڪميٽي جي ميمبرن اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر قربان علي لغاري، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ليگل هيومن رائٽس ڪميشن عرفان حڪمت، ڊپٽي ضلعي ايجوڪيشن آفيسر امير بخش پنهور، رضيه بيگم، اي ايس پي سينٽرل جيل پواني شنڪر، صحت کاتي جي ڊاڪٽر نوين ڪمار، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام رضا کوسو ڊي ايس پي هيڊڪوارٽر ڪريم داد، وومين ڊولپمينٽ کاتي جي اڪبر علي، سول سوسائٽي جي نمائندن محمد بخش ڪپري، ڊاڪٽر فرحان اشرف، ايڊووڪيٽ سنديپ ڪمار ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 25

ل ٽالپر صاحبه جي هدايتن ۽ عورتن جي صحت بابت ويزن تحت، پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ ضلعي شهيد بينظيرآباد پاران ضلعي صدر مهر افشان ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف لونگ اينڊ لرننگ (PILL)جي سهڪار سان پيپلز سيڪريٽريٽ ۾ ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت آگاهي سيمينار ۽ جاڳرتا واڪ منعقد ڪئي وئي. سيمينار ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عورتن، سماجي ڪارڪنن ۽ پيپلز پارٽي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر تنزيلا ۽ ڊاڪٽر ساٿيه ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت تفصيلي آگاهي ڏيندي ان جي ابتدائي علامتن، خطري جي عنصرن، بروقت تشخيص، احتياطي تدبيرن ۽ علاج بابت روشني وڌي. هنن چيو ته ڇاتيءَ جي ڪينسر جي ابتدائي سڃاڻپ ۽ وقت سر طبي معائنو عورتن جون قيمتي زندگيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. عورتن کي گهرجي ته ڪنهن به غيرمعمولي تبديلي کي نظرانداز ڪرڻ بدران بنا ڪنهن هٻڪ جي طبي ماهرن سان رابطو ڪن. تقريب کي پيپلز پارٽي مدرونگ ضلعي شهيد بينظيرآباد جي صدر محترم سالم زرداري صاحب جي سهڪار ۽ تعاون حاصل رهيو سيمينار ۾ پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي عذرا بلوچ، سينيئر نائب صدر شهناز پنيرو، نذيران خاصخيلي، رضاڪار ثمرين انصاري ۽ ليڊيز ونگ جي ٽيم جي ٻين ميمبرن پڻ ڀرپور شرڪت ڪئي. سيمينار ڪانپوءِ ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت عوامي شعور اجاگر ڪرڻ، عورتن کي بروقت طبي معائني جي اهميت کان آگاهه ڪرڻ ۽ هن مرض سان لاڳاپيل سماجي هٻڪ ۽ غلط فهمين کي ختم ڪرڻ جي پيغام سان جاڳرتا واڪ پڻ ڪئي وئي. ان موقعي تي ضلعي صدر مهر افشان ميمڻ چيو ته عورتن جي صحت ۽ ڀلائي اسان جي سماجي ۽ عوامي ذميواري آهي. اهڙن آگاهي پروگرامن جو بنيادي مقصد عورتن کي صحت بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ، خوف ۽ هٻڪ ختم ڪرڻ ۽ بروقت تشخيص ۽ علاج جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ مستقبل ۾ به عورتن جي صحت، تعليم ۽ سماجي ڀلائيءَ لاءِ اهڙيون مثبت ۽ عوامي مفاد واريون سرگرميون جاري رکندي. تقريب وڏي جوش، جذبي ۽ عوامي شرڪت سان ڪاميابيءَ سان پڄاڻيءَ تي پهتي

### بقايا عوامي سوچ 26

جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي ميمبر سريندر ولاسائي، پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر کي خط لکي واقعي جي آزاداڻي، شفاف ۽ فني بنيادن تي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. خط ۾ سريندر ولاسائي آڪسيجن سلينڊرن جي خريداري، ڀرائي، فراهمي، فني چڪاس، حفاظتي انتظامن ۽ لاڳاپيل آفيسرن توڙي ٺيڪيدارن جي ذميوارين بابت 11 اهم سوال اٿاريا آهن. سريندر ولاسائي جا 11 اهم سوال 1\. ٺيڪو ڏيڻ کان اڳ فني معائنو: ڇا آڪسيجن سلينڊر ڀرڻ جو ٺيڪو ڏيڻ کان اڳ پي پي ايڇ آءِ جي ڪنهن فني آفيسر ٺيڪيدار جي جاءِ جو عملي معائنو ڪيو هو؟ جيڪڏهن ڪيو ويو ته انسپيڪشن رپورٽ، تاريخ، لاڳاپيل آفيسر جو نالو ۽ سفارشون سامهون آنديون وڃن. 2\. لائسنس ۽ حفاظتي انتظام: ڇا ٺيڪيدار جي لائسنس، فني صلاحيت، سلينڊر ڀرڻ وارن اوزارن، ٽيسٽنگ سهولتن، باهه کان بچاءَ ۽ ميڊيڪل آڪسيجن جي حفاظتي ضابطن جي تصديق ڪئي وئي هئي؟3\. ايل پي جي سلينڊرن جي موجودگي: ڇا پي پي ايڇ آءِ کي ڄاڻ هئي ته مبينا طور تي ساڳئي هنڌ ايل پي جي سلينڊر به ڀريا ويندا هئا؟ جيڪڏهن ڄاڻ هئي ته ڇا اتي اسٽوريج، هوا جي اچ وڃ ۽ هنگامي حفاظتي انتظامن جو جائزو ورتو ويو هو؟4\. ٺيڪي جي منظوري ۽ آفيسرن جون ذميواريون: ٺيڪو ڏيڻ کان اڳ ڪهڙا فني ۽ حفاظتي معيار اختيار ڪيا ويا؟ ٺيڪيدار جي سفارش ۽ منظوري ڪهڙن آفيسرن ڏني ۽ سندس فني اهليت جي تصديق ڪرڻ جو ذميوار ڪير هو؟5\. حادثي ۾ استعمال ٿيل سلينڊر جي سڃاڻپ: ڇا حادثي ۾ استعمال ٿيل سلينڊر جي سيريل نمبر ذريعي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي؟ ڇا اهو سلينڊر پي پي ايڇ آءِ جي ٺيڪي تحت فراهم ڪيو ويو هو؟ ان جي خريداري، ڀرائي، منتقلي ۽ ٽيسٽنگ جو رڪارڊ چيڪ ڪيو ويو آهي؟6\. آزاداڻي فني ۽ فارنزڪ جاچ: ڇا سلينڊر، والو ريگيوليٽر ۽ ٻين لاڳاپيل اوزارن کي محفوظ ڪري آزاداڻي فني جاچ لاءِ موڪليو ويو آهي؟ ڇا ڪنهن مستند ليبارٽري مان گئس جي مواد جي جاچ ڪرائي وئي آهي، ته جيئن ڌماڪي جو اصل سبب، غلط ڀرائي، گئس ۾ ملاوٽ، ليڪيج، وڌيڪ دٻاءُ يا مشيني خرابي معلوم ٿي سگهي؟7\. ايمبولينس جي سامان جي سار سنڀال ۽ تربيت: ڇا آڪسيجن سلينڊر، ريگيوليٽر ۽ ايمبولينس جي آڪسيجن سسٽم جي باقاعده سار سنڀال ۽ چڪاس ڪئي ويندي هئي؟ ڇا لاڳاپيل عملي کي ضروري تربيت ڏني وئي هئي؟8\. ٺيڪيدار جي نگراني: پي پي ايڇ آءِ ٺيڪيدار جي جاءِ جو ڪيتري عرصي کانپوءِ معائنو ڪندي هئي ۽ سلينڊرن جي معيار ۽ حفاظت کي ڪيئن يقيني بڻايو ويندو هو؟ ڇا اڳ ۾ ڪنهن خرابي، شڪايت يا حفاظتي ڀڃڪڙي جي اطلاع ملي هئي؟ جيڪڏهن ملي هئي ته ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي؟9\. خريداري ۽ مالي رڪارڊ: ڇا ٺيڪي جي دستاويزن، معاهدن، خريداري آرڊرن، انوائسن، ادائيگين جي تفصيلن، سلينڊر ڀرائي رجسٽرن ۽ اسٽاڪ رڪارڊ ذريعي حادثي ۾ استعمال ٿيل سلينڊر جي مڪمل سپلاءِ چين جي تصديق ٿئي ٿي؟10\. فوري حفاظتي قدم: ڇا لاڳاپيل دستاويز ۽ ثبوت محفوظ ڪيا ويا آهن؟ ڇا ساڳئي سپلائر طرفان فراهم ڪيل ٻين سلينڊرن جي به حفاظتي جاچ ڪئي وئي آهي؟ مستقبل ۾ صرف مستند ۽ حفاظتي معيارن تي پورو لهندڙ سپلائرز کان سلينڊر ڀرائڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويا آهن؟11\. ذميوارن جو تعين ۽ احتساب: جيڪڏهن جاچ ۾ غفلت، فني نگراني جي کوٽ، خريداري جي ضابطن جي ڀڃڪڙي يا حفاظتي انتظامن ۾ ناڪامي ثابت ٿئي ٿي ته لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٺيڪيدارن خلاف ڪهڙي انتظامي، معاهدي يا قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي؟ سريندر ولاسائي جا اهم مطالبا سريندر ولاسائي پنهنجي خط ۾ مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي جاچ لاءِ هڪ آزاد فني ٽيم جوڙي وڃي ۽ لاڳاپيل ريگيوليٽري توڙي فارنزڪ ادارن سان سهڪار ڪيو وڃي. هن زور پريو آهي ته سمورا اصل معاهدا، ٺيڪي جا دستاويز، انسپيڪشن رپورٽون، لائسنس، سلينڊر رجسٽر، انوائسون ۽ سار سنڀال جو رڪارڊ فوري طور محفوظ ڪيو وڃي، ته جيئن ثبوتن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار نه ٿي سگهي. سندس چوڻ آهي ته جاچ دوران الزامن ۽ تصديق ٿيل حقيقتن ۾ واضح فرق رکيو وڃي ۽ سائنسي توڙي فني ثبوتن جي بنياد تي سانحي جو اصل سبب سامهون آندو وڃي. هن پي پي ايڇ آءِ سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته جاچ جي نتيجن، ذميوارن جي تعين ۽ مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن بابت تفصيلي لکت ۾ رپورٽ فراهم ڪئي وڃي. خط جون ڪاپيون سنڌ جي چيف سيڪريٽري، سيڪريٽري صحت سنڌ ۽ پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر مٺي کي پڻ اماڻيون ويون آهن.

### بقايا عوامي سوچ 27

۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ تنظيمي معاملن، نئين ذميوارين جي تقسيم، ميمبرشپ ۽ صحافين جي ڀلائي سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو. اجلاس جي صدارت علي بليري ڪئي. جڏهن ته پروگرام تنظيم جي ترجمان جاويد ابدالي ترتيب ڏنو اجلاس دوران صدر جي عهدي لاءِ علي بليري ۽ نادر وسير جي وچ ۾ چونڊ جو مقابلو ٿيو جنهن ۾ علي بليري اڪثريت ووٽن سان نادر وسير کان فتح حاصل ڪئي. چونڊ نتيجن موجب علي بليري کي صدر چونڊيو ويو. اجلاس ۾ تنظيم جي مختلف عهدن تي نئين ذميوارين تفويض ڪيون ويون. جڏهن ته پاڪستان جرنلسٽ فورم ۾ ڪيترن ئي نون ميمبرن کي شامل ڪيو ويو. ان موقعي تي سيني ذميوارن کي به حلف کڻايو ويو ۽ انهن کي صلاح ڏني وئي ته اهي پنهنجون تنظيمي ذميواريون سٺي نموني سان نڀائين. چيئرمين افتخار احمد اعوان اجتماع کي خطاب ڪندي چيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڪراچي جي سيني ضلعن ۾ تنظيم سازي جو عمل شروع ڪيو ويندو ته جيئن صحافي هڪ پليٽ فارم تي متحد ٿي سگهن ۽ پنهنجن مسئلن جي حل ۽ حقن جي تحفظ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن. نئين چونڊيل صدر علي بليري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته جن ساٿين کي تنظيمي ذميواريون سونپيون ويون آهن اهي فورم جي ترقي ۽ استحڪام لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪن ۽ صحافين جي ڀلائي کي پنهنجي اولين ترجيح بڻائين. هن چيو ته هو پاڪستان جرنلسٽس فورم کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ سيني ساٿين کي گڏ کڻي هلندو. جنرل سيڪريٽري گل اشتياق اعوان پنهنجي خطاب ۾ چيو ته عوام جي خدمت ڪرڻ خالص عبادت آهي ۽ پنهنجون ذميواريون ايمانداري، خلوص ۽ موثر طريقي سان ادا ڪرڻ به عبادت آهي. هن سيني عهديدارن تي زور ڏنو ته اهي صحافتي قدرن کي برقرار رکندي عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ صحافي برادري جي خدمت ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. چونڊيل ڪابينا جي ٻين عهديدارن پڻ اجلاس مان پنهنجا خيال ظاهر ڪيا. انهن ۾ سينئر نائب صدر جاويد عارفاني، نائب صدر حق نواز سومرو، فنانس سيڪريٽري سميع الله، جوائنٽ سيڪريٽري سيڪريٽري طارق فاروق، سيڪريٽري ويلفيئر آصف سدو، قانوني صلاحڪار ذوالفقار تنولي ۽ آفيس سيڪريٽري حمدا نور شامل هئا. مقررين فورم جي مقصدن ۽ مقصدن، تنظيمي استحڪام، صحافين جي حقن جي تحفظ ۽ ڀلائي تي پنهنجا خيال پيش ڪيا. انهن فورم جي ترقي ۽ صحافي برادري جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجون ذميواريون سٺي نموني سان نڀائڻ جو عزم ظاهر ڪيو آن موقعي تي صلاحڪار ڪميٽي جي ميمبرن شهزاد مستوئي، ڊاڪٽر بشارت حسين، معراج خان بليري، نعمان ميمڻ، فيضان سيٺار، مهتاب حسين ۽ باجي عزرا راجپوت پڻ خطاب ڪيو. مقررين تنظيمي اتحاد ۽ اتفاق راءِ، صحافين جي حقن جي تحفظ، پيشه ورانه ذميوارين ۽ فورم کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا. انهن اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستان جرنلسٽ فورم صحافي برادري جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪندو. اجلاس جي آخر ۾ اهو طئي ڪيو ويو ته پاڪستان جرنلسٽ فورم کي سڄي ڪراچي ۾ منظم ۽ فعال بڻايو ويندو ۽ صحافين جي حق، ڀلائي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندو. مسئلن جي حل لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رهنديون.

### بقايا عوامي سوچ 28

ي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. متاثر عبدالمنان چانڊيو صحافين آڏو دانهيندي چيو ته هو گذريل ٽن سالن کان پيپلز بس سروس ۾ 35 هزار رپيا ماهوار پگهار تي ڪنڊيڪٽر طور ڪم ڪري رهيو هو جنهن مان پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪندو هو پر نئين آيل سپروائيزر حشر خان موتي کيس مبينا طور بي بنياد الزام لڳائي نوڪري تان هٽائي ڇڏيو آهي. هن الزام هنيو ته بس ۾ سفر ڪندڙ هڪ عورت سان بدتميزي جو الزام مٿس مڙهيو ويو جڏهن ته سپروائيزر مبينا طور پنهنجي مائٽياڻي عورت کان وڊيو رڪارڊ ڪرائي سندس خلاف استعمال ڪئي. هن چيو ته بس ۾ سيڪيورٽي ڪيمرائون پڻ لڳل آهن. جن جي رڪارڊنگ چيڪ ڪئي وڃي ته حقيقت سامهون اچي ويندي. عبدالمنان چانڊيو جو چوڻ هو ته هن عورت کي صرف ايترو چيو هو ته باجي، سامان کڻڻ جي اجازت ناهي، جنهن تي عورت ناراض ٿي هئي، ان کانسواءِ هن ڪا به بدتميزي نه ڪئي آهي. هن صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي کيس ٻيهر نوڪري تي بحال ڪيو وڃي ته جيئن هو پنهنجي گهر جو خرچ هلائي سگهي.

### بقايا عوامي سوچ 29

تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو نواب زبير ٽالپر شگرملون دير سان هلڻ ڪري سنڌ ۾ ڏيڍ لک کان 2 لک ايڪڙ زمين تي ڪڻڪ جي پوکي نه ٿي سگهندي 2027 ۾ ڪڻڪ جو بحران پيدا ٿيندو ۽ اٽو اٿليپ تي ويندو سنڌ آبادگار اتحاد 4500 روپيا في مڻ ڪڻڪ مقرر ڪرڻ واري حڪومتي اعلان کي رد ڪندي في مڻ ڪڻڪ 5 هزار رپيا ڪرڻ جو مطالبو ڪري ٿي حڪومت پاران هلندڙ هاري ڪارڊ واري اسڪيم ۾ وڏي ڪرپشن ٿي رهي آهي حقدار هارين کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي پنهنجا نواز پاليسي اختيار ڪئي وئي آهي تيل پاڻ ٻج ۽ بجلي جا اگهه روز روز وڌي رهيا آهن حڪومت آبادگارن لا ڪا جامع پاليسي جوڙي ناهي سگهي ابادگارن جو معاشي قتل ٿي رهيو آهي زراعت سنڌ جي لاڪرنگهي جي هڏي ۽ سنڌ جي عوام جو جياپو آهي سرڪار جامع پاليسي جوڙي سنڌ جي سنڌ جي آبادگارن کي سبسدي ڏني وڃي اجلاس کي خطاب خبر موجب سنڌ آبادگار اتحاد پاران 3 نومبر کان اڳ شگرملون چالو نه ٿيڻ جي صورت ۾ چار نومبر تي ڪراچي احتجاج ڪرڻ جو اعلان اهڙو فيصلو سنڌ آبادگار اتحاد جي مرڪزي اجلاس ۾ ڪيو ويو جنهن جي صدارت سنڌ آبادگار اتحاد جي مرڪزي صدر نواب زبير احمد ٽالپر ڪئي اجلاس کي خطاب ۽ صحافين سان ڳالهائيندي نواب زبير احمد ٽالپر چيو ويو ته جيڪڏهن شگر مل مالڪن نومبر جي پهرين هفتي ۾ شگرملون چالو نه ڪيون ته ڪڻڪ جي پوکي سخت متاثر ٿيندي ۽ ڏيڍ لک کان ٻن لکن تائين ايڪڙن تي ڪڻڪ جي پوکي نه ٿي سگهندي جنهن ڪري 2027 ۾ ڪڻڪ جو بحران پيدا ٿيندو ۽ اٽو اٿليپ ٿي ويندو ۽ سنڌ ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي ويندي هن چيو ته شگر مل مالڪن پيڙهائي جي سيزن ويجهو ايندي کنڊ جي قيمت گهٽائڻ جو مقصد اهو آهي ته شگرمل مالڪ ڪمند جو اگهه وڌائڻ نٿا چاهين ۽ اسان شگر مل مافيا جي اها ڏاڍائي برداشت هرگز نه ڪنداسين انهن چيو ته ڪمند جو اگهه گهٽ ۾ گهٽ ست سئو روپيا ڪيو وڃي هن چيو تيل پاڻ ٻج ۽ بجلي جا اگهه روز روز وڌي رهيا آهن آبادگار طبقو ڏيوالپڻي جو شڪار ٿي ويو آهي تيار فصلن جو صحيح ۽ مناسب اگهه آبادگارن کي نٿو ڏنو وڃي سنڌ جي ابادگار جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي هن چيو ته اسان ڪڻڪ جي 45 سئو روپيا في مڻ واري حڪومتي اعلان کي رد ڪيون ٿا ۽ في مڻ 500 هزار روپيا ڪڻڪ جو مڻ مقرر ڪرڻ جي گهر ڪريون ٿا هن چيو ته هن وقت آبادگارن لا حڪومت جامع زرعي پاليسيون جوڙي ناهي سگهي جنهن لا حڪومت کي گهرجي ته آبادگارن جي بهتري ۽ ڀلائي لا ڪا خاص پاليس جوڙي وڃي ۽ سنڌ جي آبادگارن لا خاص سبسڊي ڏني وڃي ۽ اهڙي پاليسي جوڙي وڃي جنهن سان سنڌ جي آبادگارن کي فائدو رسي هن چيو ته زراعت سنڌ جي ترقي لا ڪرنگهي جي هڏي آهي ۽ سنڌ جي عوام جو جياپو زراعت تي آهي هن اعلان ڪيو ته جيڪڏهن 3 نومبر کان شگرملون چالو ڪري ڪمند جو اگهه ست سئو روپيا مقرر نه ڪيو ته سنڌ آبادگار اتحاد پاران 4 نومبر کان سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي جنهن جو آغاز چار نومبر کان ڪراچي کان ڪيو ويندو اجلاس ۾ سينئير نائب صدر مير ظفر الله خان ٽالپر جنرل سيڪريٽري محمد انور ڪمبوه جاويد احمد عبدالرحيم درس خان محمد ڪمبوه سميت مير پورخاص تنڊو الهيار تنڊومحمد خان متياري بدين سانگهڙ ٻين ضلعن جي آبادگار اڳواڻن شرڪت ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 30

سبب پيش آيل افسوسناڪ سانحي ڪانپوءِ سنڌ حڪومت واقعي جي جاچ لاءِ انڪوائري ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته پي پي ايڇ آءِ ٿرپارڪر جي ٽن آفيسرن کي معطل ڪيو ويو آهي. صحت کاتي سنڌ پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب انڪوائري ڪميٽي جو ڪنوينر ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ حيدرآباد هوندو. ڪميٽي ۾ پي پي ايڇ آءِ ميرپورخاص جو ريجنل ڊائريڪٽر ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر يا سندس نامزد ڪيل نمائندو پڻ شامل هوندو. ٻئي طرف پي پي ايڇ آءِ اختيارين پڻ ڏانو ڏانڌل ايمبولينس سانحي جي معاملي تي ٿرپارڪر ۾ مقرر پنهنجن ٽن آفيسرن کي معطل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. صحت کاتي سنڌ ۽ پي پي ايڇ آءِ پاران انڪوائري ڪميٽي جي قيام ۽ آفيسرن جي معطلي جا باضابطه نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيا ويا آهن. ڏانو ڏانڌل ايمبولينس سانحي ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ ڪانپوءِ واقعي جي شفاف جاچ، غفلت جي ذميوارن جو تعين ۽ صحت کاتي ۾ حفاظتي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جا مطالبا سامهون اچي رهيا آهن. انڪوائري ڪميٽي جي جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ واقعي جا اصل سبب، ممڪن غفلت ۽ ذميوارن بابت حقيقتون سامهون اچڻ جي اميد آهي.

### بقايا عوامي سوچ 31

هلندڙ بي ايڇ يو پلس اسپتال جي عمارت جي ڇت جا ڇاپڙ او پي ڊي دوران ڪري پيا. جنهن سبب اسپتال ۾ موجود مريض ۽ ڊاڪٽر معجزاتي طور محفوظ رهيا. واقعي ڪانپوءِ اسپتال جي عمارت جي خسته حالت ۽ مريضن توڙي عملي جي زندگين بابت ڳڻتي وڌي وئي آهي. تفصيل موجب بي ايڇ يو پلس ڪلوئي ۾ روزانو 500 کان 700 مريضن جي او پي ڊي ٿيندي آهي. جڏهن ته اسپتال جي عمارت جي ڇت جا ڇاپڙ مختلف هنڌن تان ڪري رهيا آهن. شهري نصرالله لشڪري جو چوڻ آهي ته اسپتال جي مرمتي ڪم جي منظوري باوجود ٺيڪيدار اجا تائين ڪم شروع ناهي ڪيو جنهن سبب مريض سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. نصرالله لشڪري الزام لڳائيندي چيو ته پي پي ايڇ آءِ ٿرپارڪر اسپتالن جي بنيادي سهولتن ۽ عمارتن جي مرمت تي ڌيان ڏيڻ بدران صرف انگ اکر پورا ڪرڻ ۾ مصروف آهي. هن خدشو ظاهر ڪيو ته ننگرپارڪر جي افسوسناڪ سانحي ڪانپوءِ ڪلوئي اسپتال جي حالت به ڪنهن وڏي انساني سانحي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. بي ايڇ يو پلس ڪلوئي جي ايم ايس ڊاڪٽر رئيس احمد خان جوڻيجو چيو ته اسپتال جي عمارت جي خراب حالت بابت پي پي ايڇ آءِ ٿرپارڪر ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر کي بار بار لکيو ويو آهي، پر اجا تائين ڪو به اثرائتو قدم نه کنيو ويو آهي. هن چيو ته عمارت جا ڇاپڙ روزانو ڪري رهيا آهن ۽ مرمتي ڪم منظور ٿيڻ باوجود اجا تائين شروع نه ٿي سگهيو آهي. شهرين ۽ اسپتال انتظاميا مطالبو ڪيو آهي ته ضلعي انتظاميا ۽ پي پي ايڇ آءِ ٿرپارڪر فوري طور اسپتال جي عمارت جو معائنو ڪرائي، هنگامي بنيادن تي مرمتي ڪم شروع ڪرائين، جيئن مريضن، ڊاڪٽرن ۽ ٻين ملازمن جي حياتين کي ڪنهن امڪاني حادثي کان بچائي سگهجي.

### بقايا عوامي سوچ 32

ي حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو ويو. ٻڌايو پيو وڃي ته نظاماڻي برادريءَ سان تعلق رکندڙ ٻن سڳن ڀائرن جي وچ ۾ زمين جي مالڪيءَ تان تڪرار سبب جهيڙو ٿيو آهي. ماتلي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي. پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته واقعي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس واري صورتحال ڇانيل آهي.

### بقايا عوامي سوچ 33

پيدا ڪرڻ بيماريءَ جي شروعاتي مرحلي ۾ سڃاڻپ ۽ بروقت طبي معائني جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو. آگاهي سيشن ۾ ڊاڪٽر گلزار احمد ٽونيو، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر قمبر شهدادڪوٽ، ڊاڪٽر سيد حبيب شاهه، ڊسٽرڪٽ آفيس، بابر ر ڪاتو تعلقو قمبر، عمران علي برڙو، ماماتا پروگرام انچارج قمبر، ڊاڪٽر محمد نواز ڪمالاڻي ڊپٽي ايڊيشنل هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر نرملا اوڏ، پارس ڊي ايم MERFاين جي او قمبر حنيف برڙو، ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر مليريا SRSO ڊاڪٽر فرزانه ياسر ميمڻ، CSDS ڪوآرڊينيٽر ۽ ڪميونٽي مدوائيف (CMW)اسڪول جي پرنسپال ۽ انچارج سميت شاگرديائين ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن شرڪت ڪئي. سيشن دوران ڇاتيءَ جي ڪينسر جي نشانين ۽ علامتن کي سڃاڻڻ پنهنجي ڇاتيءَ ۾ غيرمعمولي تبديلين تي ڌيان ڏيڻ ڪنهن به شڪي تبديليءَ جي صورت ۾ ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ ۽ طبي هدايتن موجب اسڪريننگ ڪرائڻ جي اهميت بابت آگاهي ڏني وئي. مقررين چيو ته ڇاتيءَ جي ڪينسر جي بروقت سڃاڻپ ۽ مناسب علاج سان زندگيون بچائي سگهجن ٿيون تنهنڪري عورتن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ طبي سهولتن تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي.

نمائندا گهرجن
هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

# جيڪب آباد ۾ انسانيت دوستي ۽ سماجي سڌاري بابت ڪانفرنس، عالمن ۽ سماجي اڳواڻن جو خطاب

هڪ پرامن، مثالي معاشري جي قيام بابت هڪ اهم ڪانفرنس خير محمد برڙو جي صدارت هيٺ مسلم ڪالوني جيڪب آباد ۾ منعقد ٿي

موجوده دور ۾ انسانيت جي خدمت، اخلاقي قدرن جي بحالي ۽ معاشري ۾ محبت، ڀائيچاري، رواداري ۽ برداشت کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

معاشري ۾ وڌندڙ اخلاقي بگاڙ، عدم برداشت، نفرت، تعصب ۽ سماجي ناانصافين جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون

جيڪب آباد (رپورٽر)جيڪب آباد ۾ انسانيت دوستي ۽ سماجي سڌاري بابت ڪانفرنس، عالمن ۽ سماجي اڳواڻن جو خطاب، انسانيت دوستي، سماجي سڌاري، اخلاقي قدرن جي بحالي ۽ هڪ پرامن، مثالي معاشري جي قيام بابت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب1

## مقصود جمالي جي والده پاران پنهنجي وڪيل معرفت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جيڪب آباد جي عدالت ۾ درخواست داخل

ٺل (رپورٽر) ٺل لڳ ڪجھ ڏينهن اڳ قتل ٿيل مقصود جمالي جي والده پاران پنهنجي وڪيل معرفت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جيڪب آباد جي عدالت ۾ درخواست داخل. پوليس تي جوابدارن سان وانگارو رهڻ جو الزام. درخواست ۾ 5 جوابدار شامل... جيڪب آباد جي تعلقي ٺل جي ٽاٽي ڳوٺ حسن جي حد ڳوٺ پيارو ڪوسو ۾ ڪجھ ڏينهن پهريان قتل ٿيل مقصود جمالي جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

# سخي شاھ گوھر گنج سامهون قديمي مڇي مارڪيٽ هجڻ باوجود بااثر ماڻهن پاران مڪلي جي درگاھ پير محمد علي شاھ پرسان نئين مڇي مارڪيٽ قائم

جنهن جي شروع ٿيڻ بعد هڪ طرف پورهيت طبقو ٺٽي جي مارڪيٽ مان بيروزگار ٿي ويندو ته ٻئي طرف هن مڇي مارڪيٽ ۾ ايندڙ مڇي جي وڪري تي پڻ ڪافي اثر پوندا

پورهيتن پاران 5 نومبر تي نئين ٺهندڙ مڇي مارڪيٽ جي سامهون مين روڊ تي نئين ٺهندڙ مڇي مارڪيٽ خلاف احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو

هن ڪان اڳ عبدالله آدم گندرو پاران پڻ هاءِ ڪورٽ سنڌ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي نئين ٺهندڙ مڇي مارڪيٽ کي بند ڪرائي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي شهر جي درگاھ حضرت سخي شاھ گوھر گنج سامهون قديمي مڇي مارڪيٽ هجڻ باوجود بااثر ماڻهن پاران مڪلي جي درگاھ پير محمد علي شاھ پرسان نئين مڇي مارڪيٽ قائم ڪئي پئي وڃي، جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

# فقيرآباد جهنڊاشاخ لنڪ روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر هڪ فوت 2 ڄڻا زخمي

نتيجي ۾ ڪنب واسي گل حسن لهراڻي ٿڏي تي فوت ۽ عاطف ۽ شاڪر منگي سخت زخمي ٿي پيا

حادثي جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ۽ زخمين کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو

گمبٽ (رپورٽر) فقيرآباد پرسان فقيرآباد جهنڊاشاخ لنڪ روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر هڪ فوت 2 ڄڻا زخمي فقيرآباد پرسان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

# سسئي پليجو پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر الطاف خواجه جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڊاڪٽر الطاف خواجه جو وڇوڙو پارٽي ۽ سندس خاندان لاءِ وڏو صدمو آهي. هنن ڏکويل خاندان سان همدردي جو اظهار

ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ هوءَ وارثن سان سندن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن. الله پاڪ مرحوم ڊاڪٽر الطاف خواجه جي مغفرت فرمائي

کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ سندس وارثن، عزيزن ۽ دوستن کي هي وڏو صدمو برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر سياستدان ۽ ضلعي ڪائونسل ٺٽو جي اڳوڻي چيئرمين غلام قادر پليجو ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سينيٽر سسئي پليجو پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر الطاف خواجه جي لاڏاڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

# سردار شاھ رخ انور خان سيال يوسي هڪ ڏڙي ٽائون جي جامع مسجد غريب مقام ۾ سولر سسٽم پلانٽ جو افتتاح

جامع مسجد ۾ سولر سسٽم پلانٽ لڳائڻ جو مقصد نمازين ۽ ديني تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن کي بجليءَ جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي

جيئن مسجد ۾ عبادتن ۽ ديني تعليم جو سلسلو بهتر نموني جاري رهي سگهي

ان موقعي تي علائقي واسين مسجد لاءِ سولر سسٽم پلانٽ فراهم ڪرڻ تي شاھ رخ انور خان سيال جا ٿورا مڃيا

لاڙڪاڻو( رپورٽ عبدالستار سيال) صدرِ مملڪت آصف علي زرداري، چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال تالپر جي عوامي ويزن موجب ايم پي اي سردار سهيل انور خان سيال جي ڀاءُ چيئرمين ڏڙي ٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

AL BHUTTO
Chairman Pakistan Peoples Party
IL ANWAR KHAN SIYAL
MPA PS-12
Solar System Plant Installed At
ung Fakeer, Mohalla Gareeb Muqam
UC - 01 Dari Town Larkana
BY
UKH ANWAR KHAN SIYAL
n Municipal Corporation Dari Town Larkano
Date 30-10-2026

# ٽرائيڪش فورم جي چيئرمين ڪامريڊ نندلال مالهي ڏانو ڏانڌل واقعي ۾ ڏهن ڄڻن جي فوت ٿي وڃڻ جي وارثن سان تعزيت

ڏانو ڏانڌل جو واقعو انتهائي ڏک ڏائڪ ۽ افسوس ناڪ آهي ٿرجي تاريخ جو تمام وڏو سانحو آهي

ايڏي وڏي سانحي جا ذميوار پي پي ايڇ آءِ ۽ صحت کاتي جا عملدار آهن انهي کي ڪنهن به صورت ۾ واقعي کان آجو قرار نه ڏئي سگهجي

بي ايڇ يو ڏانو ڏانڌل جي انچارج پي پي ايڇ آءِ جي ضلعي مينيجر، ڊي ايڇ او ٿرپارڪر ۽ سي اي او پي پي ايڇ آءِ کي جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) پ ٻ پ ٿرپارڪر جي اڳواڻ ۽ ٽرائيڪش فورم جي چيئرمين ڪامريڊ نندلال مالهي ڏانو ڏانڌل واقعي ۾ ڏهن ڄڻن جي فوت ٿي ويلن جي وارثن سان مختلف ڳوٺن ڏانو ڏانڌل . ڏيوجي جي ڏاٽي، موڪئي، سنڌر ۽ اسلام ڪوٽ پهچي ڏک ونڊيو ۽ تعزيتون ڪيون. بعد ۾ بي ايڇ يو اسپتال ڏانو ڏانڌل پهچي واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو. ان موقعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

# گهوڙاٻاري لڳ ڪٽ ٻيلي ۾ رهندڙ ملاح برادري جي مردن ۽ عورتن پاران بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

گذريل 30 سالن کان ڪٽ ٻيلي ۾ رهائش پذير آهن، جڏهن ته سندن گذر سفر جو واحد ذريعو مڇي مارڻ جو ڪم آهي

هو غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهن، جيڪي وڏي عرصي کان پنهنجي خاندانن سميت هتي رهائش اختيار ڪري زندگي گذاري رهيا آهن

پر هاڻي ڪجھ بااثر زميندار کين مبينا طور تي رهائش تان لڏائڻ چاهين ٿا، جنهن سبب هو سخت پريشاني ۽ بيچيني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) گهوڙاٻاري لڳ ڪٽ ٻيلي ۾ رهندڙ ملاح برادري جي مردن ۽ عورتن پاران بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ آچار ملاح، عثمان ملاح، آمنه ملاح، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

# ڏانوڏانڌل اسپتال ۾ سلينڊر ڌماڪي جي نتيجي ۾ 10 قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي کين تمام گهڻو ڏک پهتو آهي: جاويد جبار

هي هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي خاندان پنهنجن پيارن کان محروم ٿي ويا آهن

سانحي ۾ فوت ٿيل سمورن ماڻهن جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ ڏکويل خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪن ٿا

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) ٻانهن ٻيلي تنظيم جي باني صدر ۽ اڳوڻي سينيٽر جاويد جبار ڏانوڏانڌل جي بنيادي صحت مرڪز ۾ سلينڊر ڌماڪي سبب 10 ڄڻن جي فوت ٿيڻ واري افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سانحي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. پنهنجي بيان ۾ جاويد جبار چيو ته ڏانوڏانڌل اسپتال ۾ سلينڊر ڌماڪي جي نتيجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9



# ميمڻ قوم جو نيڪ مرد حافظ نصرالله ميمڻ ڪجھ ڏينهن اڳ بيمار رهڻ بعد وفات ڪري ويو

اهڙو اطلاع ملندي سوڳ وارو ماحول رهيو ۽ ڪپڙي مارڪيٽ جو ڪاروبار بند رکيو

سياسي سماجي شهرين واپاري صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آخري رسمون بخاري قبرستان ۾ ادا ڪيون

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) ميمڻ قوم جو نيڪ مرد حافظ نصرالله ميمڻ ڪجھ ڏينهن اڳ بيمار رهڻ بعد وفات ڪري ويو اهڙو اطلاع ملندي سوڳ وارو ماحول رهيو ۽ ڪپڙي مارڪيٽ جو ڪاروبار بند رکيو سندس جنازي نماز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

سجاول ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي نوجوان اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي آهي

# سجاول ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي نوجوان اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ تقريب منعقد

جنهن ۾ ڳوٺ راول ڪنڌرا سميت آسپاس جي ڳوٺن مان وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

تقريب جي منتظم وزيرجان ڪنڌرا، شير ڪنڌرا ۽ جمن ڪنڌرا ۽ ٻين آيل مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا

سجاول (رپورٽر) سجاول ويجھو ڳوٺ راول ڪنڌرا ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ تقريب منعقد ڪئي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

# قمبر: ڪتن جي ڏاڙهڻ جا 160 ڪان وڌيڪ ڪيس رپورٽ، شهرين ۾ ڳڻتي

لاڳاپيل انتظاميا کان ڪتن جي ڏاڙهڻ وارن واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتي حڪمت عملي جوڙڻ جو مطالبو

سيني مريضن کي بروقت ٿئي فرسٽ ايڊ ڏيئي انهن کي فورن ويڪسين لڳايا ويا : ڊاڪٽر ابرار احمد تنيو

قمبر(رپورٽر) قمبر هڪ مهيني دوران ڪتن جي ڏاڙهڻ جا 160 ڪان وڌيڪ ڪيس رپورٽ، شهرين ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙجي وئي رپورٽ موجب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

# ٺاروشاھ ۾ مينڌي جا ڪارخانا عذاب بڻيل، شهرين جو احتجاج

خاص طور تي ٻار، بزرگ ۽ بيمار ماڻهو وڌيڪ پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن: شهري

مينڌي جا ڪارخانا وچ آبادي مان ٻاهر ڪيرائي رهواسين کي بيمارين کان بچايو وڃي

ٺاروشاھ (رپورٽر) ٺاروشاھ شهر ۾ وچ آبادي اندر قائم مينڌي جا ڪارخانا شهرين لاءِ عذاب بڻجي ويا. ڪارخانن مان نڪرندڙ مٽي دز ۽ ٻين ڪيمي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

# ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ٽيون چائنيز سنگنگ مقابلو

پهرين پوزيشن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي ڪيڊٽ معتمد ۽ ڪيڊٽ نوفل الدين گڏيل طور حاصل ڪئي

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ٽيون چائنيز سنگنگ مقابلو منعقد ٿي گذريو شاگردن پهرين ۽ ٻي پوزيشن حاصل ڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

# يوٿ ڊولپمينٽ سينٽر هالا مٽياري ۾ ”يوٿ ڪنيڪٽ“ تقريب

مختلف شعبن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندڙ 10 نوجوانن کي اعزازي شيلڊون پيش

ڪين مناسب موقعا ۽ پليٽ فارم فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: تقريب کي خطاب

مٽياري( د ر) يوٿ ڊولپمينٽ سينٽر هالا مٽياري ۾ ”يوٿ ڪنيڪٽ“ تقريب، مختلف شعبن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندڙ 10 نوجوان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

Sports & Youth Affairs Department
Government of Sindh
Youth Connect
Empowerment, Innovation and Recognition
October 30, 2026

مٽياري: يوٿ ڊولپمينٽ سينٽر هالا مٽياري ۾ ”يوٿ ڪنيڪٽ“ تقريب جو ڏيک

# ڏورونارو ۾ وسڪي شراب جا مني گتا سرعام هلڻ جون شڪايتون

شراب جي مبينا غيرقانوني وڪري جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قدم کڻڻ جو مطالبو

سهولتڪار خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري علائقي کي هن آزار کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي

ڏورونارو (رپورٽر): ڏورونارو شهر ۾ وسڪي شراب جا مني گتا سرعام هلڻ جون شڪايتون سامهون اچڻ لڳيون آهن. جنهن سبب پوليس جي ڪارڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

# نريڙي ڏنڊ جي ماهيگيرن پاران نيشنل پريس ڪلب بدين ۾ انصاف لاءِ پريس ڪانفرنس

مخالف ڌر منن ملاح، عمر ملاح، حنيف ملاح پاران اسان کي مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي

اسان تي ڪوڙا الزام هنيا پيا وڃن ۽ اسان جو روزگار بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

بدين ( رجب راهمون ) نريڙي ڏنڊ جي ماهيگيرن پاران نيشنل پريس ڪلب بدين ۾ انصاف لاءِ پريس ڪانفرنس تفصيل: بدين: نريڙي ڏنڊ جي ماهيگير/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

# دادو ۾ رهواسي پاران آرٿوپيڊڪ سرجن جي ڊگري ڪوڙي هجڻ خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ڪرپشن جي انتهاءِ آهي ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي جنهن جي آرٿوپيڊڪ سرجن جي ڊگري ڪوڙي آهي

جنهن جا واضح ثبوت موجود آهن ، دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ 28 ڪان 29 اسپيشلسٽ ڊاڪٽر مقرر ٿيل آهن

دادو ( رپورٽ محمد رفيق چنه) دادو شهر جي رهواسي روشن چانڊيو پاران دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي جي ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

# ننگرپارڪر ۾ گرلز اسٽيم فيسٽيول، شاگردياڻين جي سائنسي ماڊلز جي نمائش

ڊيپلو تعلقي جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ويرهاڙ پهرين پوزيشن ماڻي ورتي

پهريون ڀيرو هڪ ڏينهن وارو گرلز اسٽيم فيسٽيول ڊگري ڪاليج ننگرپارڪر جي احاطي ۾ منعقد ڪيو ويو

مٺي ( ڊ ر محمدرحيم مگريو ) ننگرپارڪر ۾ گرلز اسٽيم فيسٽيول، شاگردياڻين جي سائنسي ماڊلز جي نمائش، ڊيپلو تعلقي جي گورنمينٽ هاءِ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

# ننگرپارڪر/ڏانوڏانڌل سانحو: 3 ڏينهن گذرڻ باوجود جاچ مڪمل نه ٿي

اسپتال جي او پي ڊي مڪمل بند. مريض سخت پريشان

ڏانوڏانڌل اسپتال جي او پي ڊي سروس فوري طور بحال ڪري علائقي واسين کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن

مٺي ( ڊ ر محمدرحيم مگريو ) ننگرپارڪر/ ڏانوڏانڌل سانحو: 3 ڏينهن گذرڻ باوجود جاچ مڪمل نه ٿي. اسپتال جي او پي ڊي مڪمل بند. مريض/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

# اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني، هڪ ئي رات ۾ نئون ڳوٺ پناڻو ۾ ٻه ڌاڙا، لکين روپين جي سامان جو ڌاڙو

متاثرن جو اڳڙا پوليس خلاف احتجاج، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني جي باھ ڀڙڪي اٿي، هڪ ئي رات ۾ نئون ڳوٺ پناڻو ۾ چورن ڌاڙيلن ٻن دوڪانن کي نشانو بڻائي لکين روپين جي سامان جو ڌاڙو هڻي ويا

جيڪڏهن کين انصاف نه مليو ته هو پاڻ کي باھ ڏئي ساڙڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي ذميواري لاڳاپيل پوليس انتظاميا تي هوندي

سوڀوديرو (رپورٽر)اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني، هڪ ئي رات ۾ نئون ڳوٺ پناڻو ۾ ٻه ڌاڙا، لکين روپين جي سامان جو ڌاڙو متاثرن جو اڳڙا پوليس خلاف احتجاج، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

سوڀوديرو: متاثرن جو اڳڙا پوليس خلاف احتجاج، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي

# سجاول جو معزز شهري حافظ نصرالله ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

سجاول ٽائون ڪميٽي جو اڳوڻو چيئرمين مولوي عبدالله ميمڻ جو فرزند حافظ نصرالله ميمڻ گذريل ڏينهن رضاء الاهي سان لاڏاڻو ڪري ويو

سيد شاهزيب شاھ بخاري سميت ٻين سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن، واپارين، صحافين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت

جنهن ۾ جي يو آءِ جي صوبائي نائب امير مولانا محمد صالح الحداد، ايم اين اي سيد اياز علي شاھ شيرازي، ايم پي اي شاھ حسين شاھ شيرازي ۽ شريڪ

سجاول (رپورٽر) سجاول جو معزز شهري حافظ نصرالله ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو. سجاول ٽائون ڪميٽي جو اڳوڻو چيئرمين مولوي عبدالله ميمڻ جو فرزند حافظ نصرالله ميمڻ گذريل ڏينهن رضاء الاهي سان لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم جي جنازي نماز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سجاول : حافظ نصرالله ميمڻ جي حياتي جي تصوير

# ڄامشورو ۾ برفت ۽ ٻاريجن ۾ جهيڙو، هڪ نوجوان قتل، صدمي ۾ امڙ به فوت

برفت ۽ ٻاريجا برادري وچ ۾ هلندڙ پراڻو خانداني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر شدت اختيار ڪري ويو

ٻنهي ڌرين وچ ۾ جهيڙي کانپوءِ فائرنگ ۾ برفت برادري جو نوجوان دلشير عرف دلو برفت قتل ٿي ويو

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ۾ برفت ۽ ٻاريجا برادري وچ ۾ خوني تڪرار، هٿياربند فائرنگ ۾ نوجوان دلشير عرف دلو برفت قتل، امڙ به پٽ جي وڇو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

# ميرپورخاص جي اسپتالن، خانگي ميڊيڪل ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ انساني حقن جي تحفظ لاءِ شڪايت باڪس لڳائڻ جو فيصلو

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ميرپورخاص فيصل علي سومرو جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ اهم گڏجاڻي

جنهن ۾ انساني حقن جي تحفظ ۽ خلاف ورزين جي روڪٿام بابت مختلف تجويزن تي غور ڪيو ويو

ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتال، سول اسپتال، خانگي ميڊيڪل ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ شڪايت باڪس لڳايا ويندا

ميرپورخاص ( بيوروچيف سومارسميجو) انساني حقن جي پيچڪڙين کي روڪڻ ۽ متاثر ماڻهن جي شڪايتن جي بروقت ازالي لاءِ ميرپورخاص ضلعي جي اسپتالن، خانگي ميڊيڪل ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ شڪايت باڪس لڳائڻ جو فيصلو ڪيو وي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

# شهيد بينظيرآباد ۾ پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ پاران ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت آگاهي سيمينار ۽ جاڳرتا واڪ منعقد

سيمينار ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عورتن، سماجي ڪارڪنن ۽ پيپلز پارٽي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت

ان جي ابتدائي علامتن، خطري جي عنصرن، بروقت تشخيص، احتياطي تدبيرن ۽ علاج بابت روشني وڌي

ڇاتيءَ جي ڪينسر جي ابتدائي سڃاڻپ ۽ وقت سر طبي معائنو عورتن جون قيمتي زندگيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

نوابشاھ (رپورٽر) شهيد بينظيرآباد پاڪستان جي فرسٽ ليڊي محترمه آصفه ڀٽو زرداري صاحبه، سينيئر صوبائي وزير صحت محترمه ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو صاحبه ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ سنڌ جي صدر محترمه فريا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

PAKISTAN INSTITUTE OF LIVING AND LEARNING
IN COLLABORATION WITH
PPP LADIES WING
organized a
BREAST CANCER AWARENESS EVENT
Peoples Secretariat SBA
30-10-2026 | Friday | 3 PM
CHIEF GUEST

ڪوٽڙي: انتظاميا جي بي ڌياني سبب روڊ تي گندو پاڻي بيٺل آهي

## ٿرپارڪر سانحو: سريندر ولاسائي جو ”پي پي ايڇ آءِ“ سي اي او کي خط

مٺي /ٿرپارڪر: (رپورٽر) ٿرپارڪر جي علائقي ننگرپارڪر ۾ پيش آيل افسوسناڪ ايمبولينس سانحي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

## پاڪستان جرنلسٽ فورم هڪ نئون جنون آهي: افتخار اعوان

ڪراچي ( رپورٽر) پاڪستان جرنلسٽ فورم جو ڇهون باقاعده اجلاس بلبيري هائوس، نور فاطمه سٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

# پيپلز بس سروس جي ڪنڊيڪٽر کي مبينا طور بنا جواز نوڪري تان هٽائڻ خلاف احتجاج، بحاليءَ جو مطالبو

گذريل ٽن سالن کان پيپلز بس سروس ۾ 35 هزار رپيا ماهوار پگهار تي ڪنڊيڪٽر طور ڪم ڪري رهيو هو

جنهن مان پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪندو هو پر نئين آيل سپروائيزر حشر خان موتي کيس مبينا طور بي بنياد الزام لڳائي نوڪري تان هٽائي ڇڏيو آهي

سپروائيزر مبينا طور پنهنجي مائٽياڻي عورت کان وڊيو رڪارڊ ڪرائي سندس خلاف استعمال ڪئي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) پيپلز بس سروس ۾ ٽن سالن کان ڪنڊيڪٽر طور ڪم ڪندڙ مزدور عبدالمنان چانڊيو ايوان صحافت ميرپورخاص پهچي ويو، جتي هن نئين مقرر ٿيل سپروائيزر تي مبينا طور بنا جواز نوڪري تان هٽائڻ جا الزام هڻند/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

# سنڌ آبادگار اتحاد پاران 3 نومبر تي شگرملون چالو نه ٿيڻ تي 4 نومبر تي ڪراچي ۾ احتجاج جو اعلان

شگر مل مالڪن 3 نومبر تي شگرملون چالو نه ڪيون ۽ ڪمند جو اگ 7سئو روپيا مقرر نه ڪيو ته ڪراچي کان احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو نواب زبير تالپر

شگرملون دير سان هلڻ ڪري سنڌ ۾ ڏيڍ لک کان 2 لک ايڪڙ زمين تي ڪڻڪ جي پوکي نه ٿي سگهندي 2027 ۾ ڪڻڪ جو بحران پيدا ٿيندو ۽ اٽو اٿليپ ٿي ويندو

سنڌ آبادگار اتحاد 4500 روپيا في مڻ ڪڻڪ مقرر ڪرڻ واري حڪومتي اعلان کي رد ڪندي في مڻ ڪڻڪ 5 هزار رپيا ڪرڻ جو مطالبو ڪري ٿي

شيخ پرڪيو(رپورٽر)سنڌ آبادگار اتحاد پاران 3 نومبر تي شگرملون چالو نه ٿيڻ تي 4 نومبر تي ڪراچي ۾ احتجاج جو اعلان شگر مل مالڪن 3 نومبر تي شگرملون چالو نه ڪيون ۽ ڪمند جو اگ 7سئو روپيا مقرر نه ڪيو ته ڪراچي کان احتج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

شيخ پرڪيو : سنڌ آبادگار اتحاد جي مرڪزي صدر نواب زبير آحمد تالپر اجلاس کي خطاب ڪندي

## ڏانو ڏانڌل ايمبولينس سانحو: سنڌ حڪومت پاران جاچ ڪميٽي قائم

مٺي /ٿرپارڪر: (رپورٽر) ٿرپارڪر جي علائقي ڏانو ڏانڌل ۾ ايمبولينس اندر آڪسيجن سلينڊر ڦاٽڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

## ڪلوئي اسپتال ۾ او پي ڊي دوران بلڊنگ جا ڇاپڙ ڪري پيا

مٺي /ٿرپارڪر: (رپورٽر) ٿرپارڪر جي تعلقي ڪلوئي ۾ پي پي ايڇ آءِ ٿرپارڪر جي نگراني هيٺ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

# ماتلي شهر جي ڪانوڙ واري علائقي ۾ زمين جي معاملي تان ٻن ڀائرن ۾ جهيڙو، قاضي اڪبر نظاماڻي گوليون لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

هڪ نوجوان هارون نظاماڻي زخمي ٿي پيو، زخمي ۽ فوتي جو لاش تعلقي اسپتال ماتلي منتقل ڪيو ويو

نظاماڻي برادريءَ سان تعلق رکندڙ ٻن سڳن ڀائرن جي وچ ۾ زمين جي مالڪيءَ تان تڪرار سبب جهيڙو ٿيو آهي

ماتلي (رپورٽر) ماتلي شهر جي ڪانوڙ واري علائقي ۾ زمين جي معاملي تان ٻن ڀائرن ۾ جهيڙو ٿي پيو، فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڀاءُ جي ڌر وٽ مهمان ٿي آيل 50 ورهين جو قاضي اڪبر نظاماڻي گوليون لڳڻ سبب فوت ٿي ويو، جڏهن ته هڪ نوجوان هارون نظاماڻي زخمي ٿي پيو، زخمي ۽ فوتي جو لاش تعلقي اسپتال ماتلي منتقل ڪيو ويو، جتي طبي امداد ڏيڻ بعد زخمي ک/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

# قمبر ۾ ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت آگاهي سيشن جو انعقاد

ڇاتيءَ جي ڪينسر جي بروقت سڃاڻپ ۽ مناسب علاج سان زندگيون بچائي سگهجن ٿيون

عورتن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ طبي سهولتن تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي: مقررين

قمبر(رپورٽر) سينٽر فار سسٽينبل ڊولپمينٽ سوسائٽي قمبر پاران سوشل ويلفيئر کاتي تعلقو قمبر ۽ صحت کاتي قمبر جي سهڪار سان ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت آگاهي مهم جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو مقصد عورتن ۾ صحت بابت شعور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33